cha



تائے جو مٹ

— شو

ديپ شکا پبلڪيشن - ٢

ناريءَ جو ملهه

شرت چندر چٽرجي

پرڪاشڪ جي قلم مان....

ديپ شکا پبليڪيشن: اسانجي ڇپرايل پيش ڪش 'ڪچا ڌاڳا' لئي آهل، دوستن ۽ اديبن جي خطن ۽ راين اسانکي همت افزائي بخشي آهي ۽ نهنجي طور اسين وري پاٺڪن جي مخاطب آهيون.

ناريءَ جو ملهه: سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو مڪمل روپ ۾ هي ڪتاب - ان پنيان ۾ ڪهاڻي آهي - الڳ الڳ پرڪاشڪن طرفان اٺوين سالن ۾ جدا جدا وقت لئي ٺيل سانباها. ليڪن سنڌي پاٺڪن ۾ وشواس نه هئڻ سبب سنڌي ادبي جو ڌرڻ...

اسين پنهنجي سر نه پلڪ دوستن جو هر ممڪن سات پائي هي ملهائتو ڪتاب پيش ڪري سگهيا آهيون.

وشواس سان 'ناريءَ جو ملهه' انهن ساهتيه پريمين کي سونپي رهيا آهيون جن کيس ڇپجڻ کان اڳ خريد ڪيو آهي.

ليکڪ: شرت چندر چئٽرجي
ترجمان: شيام جئسنگهاڻي
ڪور: ڀڳوان ڪمار

ناريءَ جي مُلهه بابت: لعل پشپ

Naria - Jo - Muluh

by: Sarat Chander Chatterji

Translated by : Shyam Jaisinghani

Dec. 1966 Rs. 1.50

پرڪاشڪ: امر آسراڻي
ٻاران : ديپ شکا پبليڪيشن،
٢٩-اي/٦، مهاتما گانڌي نگر،
چيمبور، بمبئي-٧٤، اي.ايس.

شرت - ساهت جو هي ڪتاب-

ستيندل، فرانسي ناول نويس، جي ناولن جو مکيه ۽ اهم موضوع 'پيار' هو. پنهنجي سوچ، پيار جي وشيه، استري-وشيه جيان، لڳ ڀڳ هر ليکڪ ۾ اهم رهي آهي- ليڪن ستيندل لاءِ اهڙي اهم هئي جو هن ڪافي انداز ناولن جوان موضوع تي خرچ ڪرڻ بعد، پنهنجي زندگيءَ جا آخرين سال 'لو' (پيار) نالي ڪتاب لکڻ ۾ لڳايا. ان ڪتاب ۾ هن پيار جا انيڪ نظريا، نمونا اتهاسڪ پس منظر ۾، عورت - مرد جي نرالن رشتن ناتن ذريعي وستار سان واضح ڪوليا آهن. ائين ٿيو آهي ته پنهنجي ڪاني پوءِ وشيه پنهنجن ڪل تصنيفن ۾ ڪٿڻ-دهرائڻ بعد به لکين نه ملي، ڪجهه، يا گهڻو، ڪٽل محسوس ٿئي ۽ اهو قصن ڪهاڻين کان ٻاهر ڪڍهن بيءَ ساهتڪ شاخ دوارا اظهار پاتي اٿي.

ظاهر آهي ۽ سچيل آهي ته شرت چندر جي اهم وشيه 'استري' هئي. استريءَ جي مهما ۽ مهانتا جا نئي هن گڻ ڳايا. جيڪڏهن هو، هن دوارا، هڪ ونشيا جي روپ ۾ به آئي ته هن هڪان ان پيشي خلاف بغاوت نه ڪرائي، هڪي ان روپ ۾ نئي مهان پڌايو. شرت بابوءَ جو استريءَ طرف اهو آدرشوادي رخ هڪ

سهيوگي: هن ڪتاب جي ترجمي ۾ هيٺين مترن
جو سهيوگ رهيو آهي:

شري مدن سراڻ

شريمتي ڪٽولتي سراڻ

۽

شري گل واسواڻي

شڪرگذاري: اسين شري لڇمڻ داس
ڀالچند ڀمڻاڻي ۽ (جي-اي مدگهارام
وارن) جا تهدل شڪرگذار آهيون،
جن صاحبن اسانجي مشغولين
۾ چاهه، توڙي اسانکي همٿائڻ جو ارادو ڏيکاريو آهي.

- امر آسراڻي

Printed by Narsing Motumal at the "Harisons Printers" Opp: Kasturba Hospital, Arthur Road, Bombay-11 and published by Amar Asrani on behalf of Deep Shikha Publication, 29-A/6, Mahatma Gandhi Nagar, Chembur, Bombay-74A.S.

نه انهيءَ پارٽي - ساهت جي ترقيءَ جوابدار هئي. جڏهن رومانٽڪ ڌارا ٻاهر دم ٽوڙي رهي هئي تڏهن هن پاسي جنم وٺي رهي هئي.

پنهنجي ٻوليءَ وشيه، ناريءَ کي انهاسڪ پس منظر ۾ جاچڻ لاءِ، الڳ الڳ ملڪن جي الڳ الڳ جاتين ۽ الڳ الڳ دورن ۾ هنجي سماجڪ رتبي پرکڻ لاءِ شرت چندر جي گهري دلچسپي، وسيع اڀياس ڪيترو واسل آهي، اهو هن ڪتاب ۾ آندل ٻين ڪتابن جي حوالن مان ظاهر آهي. ناولن ۾ جتي ناريءَ جي سندر مک جا سندر لڳندڙ مک، هنجي ڪوتاهه ٻاجهي اڳيان هنجي جيون جا ڪشٽ (جن ۾ هنجي سماجڪ درجي ۽ هلاه ٻڌايل سخت نيمن پابندين مان پيدا ٿيندڙ ڪشٽ به اچي وڃن ٿا) جهلڪا ۽ 'سمڪبڙي' ٻڌهي وڃن ٿا، السي هن ڪتاب ۾ اهڙو هڪ به 'الميو تن' ڪڙو نه ڪري سگهڻ سبب، هنجي جيون جا ڪشٽ اسانکي هڪ صحيح تصوير ڏئي سگهيا آهن ۽ محسوس ڪرائين ٿا ۽ سوچڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا ۽ پيهد ٻيڙا وچان، گهريءَ طنز دوارا، سيني پهلن کان ٻڪڙيل دليلن سان اسانکي ٻڌائين ٿا ته اسان سڀ جا سڀ، سپني هنڌ، سمي جي آرلب کان، ڪٿن ناريءَ جي برابر ملهه نه جاڻي هيتي سنر ڪندا رهيا آهيون.

گهڻي قدر نه اهي ڪرسمون، پابندين ناري-جيون

فنڪار جي ذاتي ڪيترو شخصي اثر لهي آثار رکندڙ آهي، اهو هر ناٽڪ هنجي شخصي زندگيءَ مان جاڳي ٿو، پل هنجي زندگي، جيولي اسٽريءَ جيان ٿي رهيو رهجي وئي هجي، پوءِ به اهڙو نه هر ناٽڪ جاڳي ٿو. ليڪن ان شخصي اثر طرف هن اندر فنڪار هيتري قدر غير شخصي ٿيڻ سگهيو، اهو فيصلو وقت جي هٿن ۾ ڇڏي ڏيڻ سان — اهو معلوم ٿيندو ته ناريءَ جي اڌڪارن - شخصي ۽ سماجڪ - لاءِ هو هميشه لڙيو، هنجي ناولن ۾ هن 'ناريءَ جو ملهه' دواران، منهنجي من ۾ آهي نه، ناري پرش - سماج ڪان نه وڌيڪ ناري سماج ۾، اڃا به انهن نه پنهنجن نظرن ۾، پنهنجو وڌيڪ قدر ڪيو، درجو سڃاتو.

شرت بابوءَ جي ذهن ۾، ڪجهه ذهن هيڏانهن هوڏانهن، اسٽريءَ جي اڌڪارن، هنجي آزاديءَ لاءِ لڙڻ جي ڳالهه هر ڪيتر ۾ هئي. شا جي 'ٽئين عورت' ناٽڪ لوئس ابسن جي 'بيمار عورت' لي غالب پنجي ميدان ۾ نڪري آئي هئي ۽ سياسي - ٻترن رستي ستونرت مل جي 'سڄاڳ عورت' رستي لي لکيل ٻترن جيان عام ٿيڻجي چڪي هئي. ناريءَ جي اهل، انوقت جي ذهين حلقن ۾ ايريل تصوير - يا ان تصوير جي ڦڪا - شرت بابوءَ ۾ جيڪڏهن 'هڪ مرهيندڙ، لپائيندڙ واس' جي تبديلي ۽ ناٽڪن شمار ڪري آئي

هيرا موتي اٽلپ هئڻ سبب ملهائيتون چيزون آهن.
ان طرح ناريءَ جو ملھ به وڌيڪ ڪونهي، ڇو ته هو به ته سنسار ۾ ڪنهن انداز ۾ عيسر آهن.

پاڻي دانماڪم اهڙي چيز آهي جنهنڪري انجو خاص ملھ محسوس نٿو ٿئي. پر مبادا ڪنهن وقت پاڻيءَ جي اچانڪ اڻاڻ ٿي وڃي ته راجائون مهاراجائون به پاڻيءَ جي هڪ بوند لاءِ پنهنجي مڪٽ جو ناياب هيرو ڪڍي ڏيڻ ۾ ڍرڻ گورت نه ڪندا.

ان طرح، ايشور نه ڪري، اگر ڪنهن ڏينهن نارين جي اڻاڻ ٿي وڃي ته پوءِ هن بحث جو آخرين فيصلو ٿي ويندو ته ناريءَ جو حقيقي ملھ ڇا آهي. اهو اڄ نٿو ٿي سگهي ڇو ته ڪين پاڻ سولو آهي.

ناريءَ جي ملھ ڪٿڻ جو صحيح رستو اهو آهي ته

ناريءَ جو ملھ ڇا آهي؟

اسين فيصلو ڪريون ته پرش لاءِ ناري ڪڏهن... ڪهڙيءَ عمر ۾... ۽ ڪهڙي رشتي ۾... ڪيتري وڌيڪ ضروري آهي. ان طرح گهٽ ۾ گهٽ، قلم ۽ ڪاغذ ذريعي انجو حساب ضرور لڳائي سگهجي ٿو، پوءِ پل انجي نقد قيمت وصول ٿي سگهي يا نه.

رواجيءَ طرح، گهر ۾ وڏوا پيڻ بجاءِ پتنيءَ جي

جي چوڌاري ڇهبدار گهيري جيان ٻڌل، اڄ ته رهيون آهن. باقي، ساهت ۾، هيجو مالڪ سطح لاءِ هڪ صحيح چٽو ڪيتري قدر ممڪن ٿيڻ سگهيو آهي؟ سارتر جي، 'مسٽرس' مادام ٻوا جي ٻوسڻ ڪتاب 'د سيڪنڊ سيڪس' جي هڪ باب ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن نه استري ۽ پيار وشيه ڪي ڪٿي هليل مهان ليکڪن جن ۾ لارنس ۽ ستيندال به اچي وڃن ٿا، هڪ 'نگرٽيل' ۽ 'غير حقيقي' تصوير اڀاري آهي. استريءَ طرف، ساهت ۾، يا ته هڪ آدرشوادي روپ ڪڍيو ويو آهي، يا بلڪل ٺڳي، اڦرت ٻريل، نراش مزاجي (Cynical). شرف چند ٻين ڪتاب ۾ اهڙن گرنٿن-ڪتابن جا حوالا به ڏنا آهن.

دلهي شڪا پبليڪيشن هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ آڻي، ٿهڪي عرصي کان رهيل سنڌيءَ ۾ شرف ساهت جو هڪ خال پورو آهي. پاڻڪن لاءِ اهو ڄاڻڻ به ضروري آهي ته انواد جو ڪم هڪ ڪٺن ڪهاڻي. ڪار شيام ڄيسنگهاڻيءَ طرفان آيل آهي ۽ اصلي ڪتاب جو سار ۽ رس رکڻ لاءِ شيام، ترجمي جي دوران ۾، غير سنڌي متن کان به صلاح مصلحت ڪندو رهيو.

لعل پشپ

۽ پوءِ رهي ڏک، درد سهندي چپ رهي سگهي ٿي؟
ڪيترائين هن جي ذريعي پُرش سکيو ستابو رهي مزا
ماڻي سگهي ٿو ۽ ڪيترائين هوءَ روپ جي پوڄاريءَ
پُرش جي واسنا کي ترپت ڪري سگهي ٿي؟

انهن ڳالهين جو جواب ڳولهڻ سان ئي ناريءَ جو ملهه ڪٿي سگهبو.

مغرب وارا جڏهن اسانجي ديشواسين کي اکيون ڏيکاري چوندا آهن، ”توهين نارين جي مريادا نٿا سمجهو. جلسن ۽ شغلن ۾ ڪين شامل ٿيڻ ڏيو ۽ ڪين بند ڪري ٿا رکو. انڪري توهين تنگدل آهيو“ تڏهن ’منو‘ ۽ ’پوڄارها‘ وغيره جي سلوڪن جو حوالو ڏيئي اسين ڪين سيدو ٽاڻي جواب ڏيندا آهيون، ”نه، اسين پنهنجين مائرن ۽ ڀينرن جو منهن رڱي، ڪين ’شئمپين‘ ۽ ’ڪلاريٽ‘ (شراب) پيئاري سندن جذبات ڀڙڪائي، محفلن ۽ جلسن ۾ نچائيندا نٿا وتون. اسين ڪين گهرن جي ڪنڊن ۾ ٿي رکي سندن پوڄا ڪندا آهيون. توهانجي بال ڊانس جي پوشاڪ ڏسي لڄ وچان اسانجو سر جهڪيو وڃي ۽ توهانجو ناچ ڏسي ته اسانکي اکيون بند ڪرڻيون پونديون آهن.“

پر ٿي پڪ يورپ وارا اسانجي خيالات جي پرواه نٿا ڪن. مشهور پروفيسر ’مئسپيرو‘ پراچين مصر جي استرين جي سپيتا جي باري ۾ پنهنجي ’سپيتا جي

وڌيڪ گهرج رهندي آهي. پر جڏهن پتني گرڀوتي هوندي آهي تڏهن وڌوا ڀيڻ جي قيمت پاڻمرادو وڌي ويندو آهي ڇو ته ماني پچائڻ، ڪپڙا ڌوئڻ ۽ ٻارن کي راهي راجي ڪارائڻ واري جي ضرورت ٿيندي آهي.

ظاهر آهي ته پتني جي روپ ۾ ناريءَ جو جيترو مله ٿئي ٿو، ڀيڻ جو، اهو ٻه وڌواڻي جي حالت ۾، انڪان گهٽ ٿئي ٿو.

فرض ڪريو ته اهو معلوم ٿي ويو ته ڪهڙي خاص روپ ۾ ناريءَ جو مله ڪيترو ٿئي ٿو، ان هوندي ٻه اسين تواريخي حقيقتن کي نه ميٽي نه سگهنداسين، هڪ ناريءَ سبب سوني لنڪا جلي خاڪ ٿي وئي، ٽراءِ جو راڄ اجڙي ٿي ويو. بيون به انهن ڪيترين ننڍيون وڏيون سلطنتون اڄ ڏينهن تائين برباد ٿي چڪيون هونديون. ته پوءِ ان طرح ناريءَ جو مله ڪيئن ٿو ڪٿي سگهجي؟

سراسري طور ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ان وقت پرشن سلطنت طرف نه ڏنو. اگر ائين آهي ته انجو جواب ڪير ڏيندو ته اهو سڀ هن ناريءَ طرف نگاهه رکي ڪيو يا پنهنجي چنچل سڀاءَ جي مجبوريءَ سبب؟

ناريءَ جو مله ڇا آهي؟ ڪيستائين هوءَ سهنشيل

سڄيءَ دنيا جا پرش سمجهن ٿا ته ستيپڻي کان وڏيڪ ناريءَ لاءِ پيو ڪو گڻ ٿي نٿو سگهي. پنهنجي پتيءَ جي آڳيا کان ٻاهر رهي، ڀوءِ چاهي سوامي ڪيترو به وڏو ٺوڳي ڇو نه هجي، من ۾ ڪيس خسيس سمجهڻ ۽ ان جي اپمان ڪرڻ کان وڏيڪ ناريءَ لاءِ ڪو به ڏوهه ڪونهي.

رامائڻ، مها ڀارت، پراڻن وغيره ۾ به ان ڳالهه جي هر هنڌ مهما ڳائي ويئي آهي. هن ديس ۾ ان ڳالهه تي ايترو ته وڏيڪ زور ويو آهي جو ڪجهه چوڻ جي گنجائش ئي نه رهي آهي. هتي ته خود ڀڳوان به ستي ڌرم سان ٽڪر کائي هارائي ويٺو آهي.

ليڪن اهي سڀ دليل هڪ طرفا آهن، صرف نارين لاءِ ئي آهن. ڳولهڻ سان به پتو نٿو پوي ته مرد لاءِ به هن ملڪ ۾ ڪي خاص بندشن هئا. اگر اسين صاف

سنبپڻو

صاف اها ڳالهه چئون ته ايڏي وڏي پراچين ملڪ ۾ مردن بابت ڪٿي به هڪ به لفظ ڪونهي ته شايد هٿين هجين پوڻ جي نوبت اچي ويندي.

انگريز به چوندا آهن ته اخلاقي پويترتا هڻڻ جاڳائي. پر هو اهو لفظ مرد ۽ عورت ٻنهي سان لاڳو ڪندا آهن.

ماسپرو' (Dawn of Civilization) نالي ڪتاب ۾ هڪ
هڪ هنڌ لکيو آهي ته 'مصر' جون عورتون اڪثر
پنهنجي ڇاتي کولي سڙڪن تي گهمنديون هيون؛ ان
ڪري هو ڪافي اڳڀريون هيون. يورپين عورتون جيان
هو به پنهنجي ساراهه ڪرائڻ لاءِ منتظر رهنديون هيون'.

پنهنجي عورتن لاءِ اها ڳالهه ته هو ڏاڍا سنڪوچ ڇڏي
ويا آهن، پر اسانجو ڪنڌ ته ڏاڍي شان ۽ لڄ وچان،
جهڪي ئي ويو. ڪجهه به هجي، اسانجو جواب به
ڏاڍي پرو ڪونهي، ”اسين ڪيئن انهيءَ ۾ نه ڄاڻي ته
سگهنداسين..... گهر جي ڪنڊ ۾ سڙندڙ پوڄا ڪندا
آهيون.“ انهن دليلن جي سهاري ئي وري وقت لاءِ ته
اسين هڪ طرح جيت حاصل ڪندا آهيون. 'منو' ۽ 'پراشر'
کي سر تي رکي، هڪ ڀيري جي ڏني نئين موت
ڪانه ڪندا آهيون.

پوءِ بعد اگر گهر موٽي اسين به پاڻ ۾ گفتگو
ڪريون ۽ چئون ته ”پاڻي، پوڄا تي... پراڻو اسين ڪندا
آهيون، پر اهو به ته سوچڻ کپي ته آخر ڪهڙيءَ طرح؟“
ان حالت ۾ گهٽ تي اهڙن ڳالهين جي چرچڻ جو امڪان
هوندو آهي، جيڪي ڌارين جي سامهون بيان نه ڪري
سگهبيون. انڪري اسانجي هيءَ آلوچنا به اڪيلي ۾
ئي ٺيڪ آهي.

ڪونهي . انومان لڳائي سگهجي ٿو ته جيتوڻيڪ ان زماني ۾ به ماڻهو ان رسم کان واقف هئا ته به عملي رهت اهڙو ڪو به رواج ڪونه هو.

مها ڀارت ۾ 'مادريءَ' کان سواءِ ٻئي ڪنهن به اهو ڪم ڪونه ڪيو هو. ڪروڪيتر جي يڌ بعد ڪجهه 'ستي مرڻ' جا واقع ٿيا هئا - پر بلڪل گهٽ. مرد ان زماني ۾ استرين کي 'ستي' ڪرڻ لاءِ همٿ ڏوئي سندن پٺيان ڪونه ڀيا هئا. جيتوڻيڪ ان سمي اڻ سڌريل جاتين ۾ ان رواج جو خاص پرچار هو.

ڏکڻ ۾ ستين جا گهڻيئي يادگار کڙا ڪيا ويا آهن. آفيريڪا ٽوڙي فيجي ٻيٽن ۾ انهن يادگارن جو مرض نه پهتو هو نه ته جيڪر انهن ملڪن ۾ هيئنئر پير رکڻ جي جڳهه به نه هجي ها.

هر هڪ 'براهوي' سردار جي موت تي ان جي سوين وڏوائن کي سندس سماڌيءَ جي آس پاس وڻن ۾ لٽڪايو ويندو هو، بعدي انهن وڏوائن کي به سندس پٺيءَ سان گڏ پرلوڪ پهچائڻ جو بندوبست ڪيو ويندو هو!

ان سمي آريه ورت ۾ وڏوائن کي پٺيءَ سان گڏ گڏ جلائڻ جو رواج ڪونه هو. ڏکڻ ۾ رهندڙ ڪن اڻ سڌريل قومن ۾ ڪي قدر اهو رواج هو. آرين خبر ٻڌي سوچيو ته - 'هنن اڻ سڌريلن ترڪيب واه جي ڳولهي ڪئي آهي! ٺيڪ ٿي ته آهي اگر پرلوڪ سچ پچ

اسانجي ديش ۾ 'ستيپٽو' صرف نارين لاءِ ئي جوڙيو ويو آهي.

اهو برابر آهي ته شاسترن جا گياني جهنگلن ۽ بن ۾ واسو ڪندا هئا پر ان هوندي به ڪين سماج جي چال هئي. انڪري، انهن هڪڙو به لفظ پنهنجي ذات يا نين يعني مردن کي تڪليف ۾ وجهڻ لاءِ نه ناهيو. مردن سان انهن جي اهڙي همدردي ۽ رحمدلي هئي!

جيڪڏهن انهن شاسترن ۾ اهڙي ديا نه هجي ها ته ڇا مرد ڪين مڃين ها؟ هن ويهين صديءَ ۾ به انهن شاسترن وٽ اهو پڇڻ لاءِ ڊوڙي وڃن ها ته وڌوا-وواهه مناسب آهي يا نه؟ هن کان گهڻو اڳ، هو اهي سڀ پوٿيون-پراڻ ڪٺي نديءَ ۾ ٻوڙي ڇڏين ها ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب هڪ نئون شاستر جوڙين ها.

چاهي ڪجهه به هجي، اهو صاف ظاهر آهي ته ناريءَ لاءِ ئي 'ستيپٽو' آهي پر مرد لاءِ ڪونهي. ستيپٽي جو آخرين روپ ٻڌجي ويو هو، "گڏ مرڻ يا ستي ٿيڻ." تواريخ ۾ اهو ڄاڻايل ڪونهي ته ان روپ جو آغاز ڪهڙيءَ ريت ٿيو هو. رامائڻ ۾ پنهنجي پتيءَ جي موت تي ڪوشليا هڪ دفعي غصي ۾ اچي ستي ٿيڻ جي ڌمڪي ته ڏني هئي، ليڪن پڇاڙيءَ ۾ سندس غصو ٺنڊو ٿي ويو هو ۽ دسرٿ کي اڪيلو ئي جلڻو پيو هو! ان گرنٿ ۾ ان وشيه ڏانهن ٻيو ڪوبه اشارو ڪيل

وڏوا کي جلائي مارڻ خاص فائدي وارو سمجهيو ويو ۽ اها ڪا عجب جي ڳالهه ڪونهي.

ٻه جتي آتما جي روپ جو فيصلو ٿي چڪو هو ۽ ايشور جي قد ٻنهي جي ماپ ٿي ڪئي ويئي هئي، اهڙي اسانجي سڌريل ۽ پراچين ديش بابت اها تعجب ۾ وجهندڙ ڳالهه آهي جو هتنا جا وڏا پنڊت به اهو وشواس رکندا هئا ته، استريءَ جي هتيا ڪري ڪيس مڙس سان گڏ موڪلي سگهجي ٿو!

شاسترن موجب، ناري صرف ماتاپڻي سبب ئي پوڄا لائق آهي. انڪري جڏهن ماتا ٿيڻ جو ذريعو ئي نه رهيو هجي، تڏهن هوءَ ڪهڙي ڪم جي.

انڪانپوءِ ستين جي واه واه لاءِ گهڻيئي يادگار کڙا ڪيا ويا ۽ ڪتا ڪيرتن ۾ سندن خوب گڻ ڳاتا ويا. مرد پنهنجي سک ۽ سهنجه ڪانسواءِ، پوءِ اهو چاهي حقيقي هجي يا ڪالپنڪ، ٻي ڪا به ڳالهه ويچار ۾ نٿو آڻي. هو پنهنجي ان سوارٿپڻي تي پردو وجهڻ لاءِ وڏي واڪي چوندو وتندو آهي ته، "جنهن ديش ۾ استريون ڪلهدي ڪڏندي وڃي چتا تي ويهنديون هيون ۽ پنهنجي سواميءَ جي چرڻ ڪملن کي گود ۾ رکي خوشيءَ سان پنهنجو پاڻ خاڪ ۾ ملائي ڇڏينديون هيون... اهڙو مهان آهي اسانجو ديش."

اگر اهو سچ هو ته پوءِ پتنيءَ جي مرڻ بعد ان جي

ڪا چيز آهي ته انجي سيوا ڪير ڪندو؟' بس، اهو سوچي هو ته ان رواج پٺيان ڪاهي پيا ۽ هن ايترين ته وڌوائون جلائي ڇڏيون جن کي ڏسي جيڪر اسپين جي راجا فلپ جي به دل سرڪي وڃي ها.

شروع ۾ ڪجهه هچڪ محسوس ڪئي ويئي ته جڏهن (ناري) کي پنهنجي خاندان جي پلي لاءِ گهر آندو ويو هو، جنهن لاءِ شايد جهيڙا فساد به ٿيا هئا؛ ڇل ڪپٽ. ڪوڙيون ڳالهيون ۽ ان حد تائين جو چوري به ڪرڻي پيئي هئي - ايڏي وڏي اهميت واري جيو جي هتيا ڪيئن ڪئي وڃي؟

بعد ۾ اهي سڀ ڳالهيون وساريون ويئون، اهو سوچي ته پرلوڪ ۾ سيوا ڪير ڪندو؟ ۽ بدنصيبيءَ سبب جا استري وڌوا ٿي ويئي، انجي ذريعي هن ڌرتيءَ لاءِ ڪهڙو خاص ڪارج ٿي سگهندو؟ بلڪ وڌوا جي ڪري آئينده ۾ بدامني ۽ جهڳڙي فساد جو انديشو رهندو ته پوءِ ڇو نه وقت کان اڳ هوشيار رهڻ کپي.

جن به ماڻهن اتهاس پڙهيو آهي، اهي ڄاڻن ٿا ته وڌوا - وواهه جي ڪڏهن به ملڪ ۾ خاص آجيان ڪونه ٿي آهي. سڀ ماڻهو ان کي ٿوري گهٽي نفرت جي نگاهه سان ڏسندا آيا آهن. ان حالت ۾ جڏهن ملڪ اهو رواج بلڪل بند هجي ۽ جيڪڏهن ان ديش ۾

اپيل ڪئي هئي. ان اپيل ۾ چيو ويو هو ته جيڪڏهن هي رواج بند ڪيو ويندو ته هندو ڌرم جڙ کان ناس ٿي ويندو ۽ هندو سماج پنهنجي ڌرم کـــان بلڪل ڪري پوندي. واه، ڪهڙي نه اعليٰ درجي جي ناري-پوڄا آهي!

جڏهن انهن جي اپيل بلڪل نامنظور ڪئي وئي ۽ سيٺين کي بخوبي سمجهه ۾ اچي ويو ته هينئر ناد ۽ نغارا وڄائي پوليس جا ڪن بند نه ڪري سگهبا ۽ پير رکڻ، جلائي نديءَ جو سمورو ڪنارو اونداهو ڪرڻ بعد به داروغي جي نظر کان ڪنهن به ريت بچي نه سگهبو. انهن ڌرم جو جهنڊو جهولائيندڙن کي اها سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته اگر سڀاڻي هندو ڌرم جو بنياد ٻه چار انچ ڍرو به ٿيو تڏهن به ڪنهن ريت ڪم هلي ويندو پر پوليس جي چڪر ۾ اچڻ سان ڪم نه هلندو.

سرڪار ته پنهنجو ڪم پورو ڪيو، ليڪن سماج جي رکوالن جو ڪم وڌي ويو. چوڻ لڳا ته مليڇن اسان جي ڌرم کي نظرانداز ڪري قانون ٺاهيا آهن، پر اسين به سولائيءَ سان نه ڇڏينداسين. اسين هٿئي وٺي ٿي وڌوائن کي 'ديوي' بڻائي ڇڏينداسين.

ان بعد، ٻي انداز سختيون وڌوائن مٿان وجهڻ کين ڌاري ڌاري 'ديوي' بڻائڻ جو ڪم شروع ڪيو ويـــو. هو زيور وغيره نه پائين، ڏينهن ۾ صرف هڪ ويلو کائين،

وڌوا پنهنجيءَ کي ڀنگ ۽ ڌتوري جو ڪٽورو پيئاري ڇو نشي ۾ مدهوش ڪيو ويندو هو؟ ۽ جڏهن هنکي شمشان ڏانهن نيون ويندو هو تڏهن هوءَ ڪڏهن ڪلندي هئي، ڪڏهن روئندي هئي ۽ ڪڏهن نه رستي تي ليٽـــڙهون پاڻ چاهيندي هئي. اهو هـــو هنجو ڪلندي ڪڏندي ستي ٿيڻ لاءِ وڃڻ!!

ان بعد هن کي چتا تي ويهاري چوڌاري ٻانس جي اڪڙن سان دٻائي رکيو ويندو هو ڇو ته اهو ڀو هو ته ڪٿي ستي ٿيڻ واري استري شايد آگـــ جي تاپش سهي نه سگهي ۽ ڀڄي نه وڃي. چتا تي خوب گيهه وجهي ايترو ته دونهون ڪيو ويندو هـــو جيئن سندس تڪليف ڏسي ڪير ڀڄي نه وڃي. دنيا ڀر جا اُـــاد نغارا ايترو ته زور سان وڄايا ويندا هئا جيئن ڪير به هنجو روئڻ، واڪا يا آزي نيزاري ٻڌي نه سگهي. بس، اهو ئي هو 'ستي ٿيڻ'.

ناري پوڄا

'ليکي' صاحب لکيو آهي ته جنهن وقت انگريزن 'ستي رواج' تي بندش وڌي هئي، ان وقت وڌليمن ۽ مدبلين جي ٻڌڻ خوب واڪا ڪري، ٻيڙ ڪرائي ۽ راجائن ۽ مهاراجائن کان چندا چيرا وٺي، ولائت ڏانهن

ٻيءَ وواهه ڪري ڪنوار کي گهر آندو آهي. هو ڪنهن ٻراهڻن ۽ مشهور اسڪول جو ماستر آهي. هن جي شاستر گيان جي ڪا حد ڪانهي. هن وڌوا-وواهه خلاف هڪ ڪتاب به لکيو آهي. هن جي ساري ۾ ان طرح جون چاهي ڪيتريون به ڳالهيون چوڻ. هجن پر ته به جو سڄڻ گهر ۾ رهيل پنهنجي وڌوا ڌيءَ کان ننڍي عمر جي ڇوڪريءَ کي پتنيءَ جي روپ ۾ قبول ڪري ٿو، اسانکي سمجهه نٿو اچي ته اهڙا سڄڻ ڪيئن ٿا اها ڳالهه زبان تي آڻين ته- ”اسين پنهنجي گهر جي ڪٽنب ۾ استرين جي پوڄا ڪندا آهيون.“

هڪ استريءَ جي جيڏري ٿي مرد پنهنجي گهر ۾ ٻين سو عورتن کي آڻي سگهي ٿو ليڪن اگر ٻارهن سالن جي ٻالڪا وڌوا ٿجي وڃي ته ان کي ’ديوي‘ سڏجڻو ٿي پوندو. قلم کي طاقت ناهي جو بيان ڪري ته ان طريقي هن ديس جي سموري استري جاتيءَ کي ڪيترو نه هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ ڪين ڏکي گهڙي نه اوڙاهه ۾ اڇلايو.

ڪجهه وقت اڳ جي ڳالهه آهي ته هڪ بنگالي ڪٽنب جي استريءَ پنهنجي پتيءَ جي موت جي خبر ٻڌندئي ٻاٽڪي گاسليٽ وجهي ساڙي ڇڏيو. اهڙي پتي ڀڳتي ۽ اهڙي فخر جي ڳالهه ڇا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي؟ ٻڌڻ ۾ ڪٿي نه، به ايندي هن جي

سر ڦوڙ محنت ڪن، اڻ سبيل ٻه ڪڏاري ڌوئي ٻهارڻ وغيره. اهو هو سندن ٻڌايل 'ديويءَ' جو روپ. مرد واڪا ڪري چوڻ لڳا- "اسانجي وڏڙن جيان ديويون ڀلا ڪٿهن سماج ۾ آهن؟"

ان هوندي به 'ديويءَ' کي وواهه واري گهر ۾ ٻـــا وواهه مطلب جي واڌهو وچڻ نـــ. ڏنو ويندو هو ڇو ته ڏپ هوندو هو ته ڪٿي ديويءَ جو مٿهن ڏسي ٻي ه نه ديوي ٻڌجي وڃي. شپ انسو ۾ ته ڪين گهرايو ٿي نه ويندو هو پر شراڌ ۾ ٻهم پوڄ تيار ڪرڻ لاءِ سندن ضرورت محسوس ڪئي ويندي هئي.

هيءَ مثال ڏيو:- ڪٿهن 'ديويءَ' جي ماءُ ڏيءُ جي تڪليف برداشت نه ڪرڻ ڪري بيمار ٿي پوي ويٺي آهي ۽ هيڪ مايءُ پنجاهه سالن جي عمر ۾، مرضي نه هوندي به، لاچاريءَ جي حالت ۾ ٻـــا ماڻهن جي عرض ڪي وانٿي نه سکهڻ جي حالت ۾، هن ڪان (ڏيءُ ڪـــان) به ننڍي عمر جي ڪٿهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪري گهر اچي ٿو ۽ گهـــر جي وڏوا ڏيءُ کي حڪم ڪري ٿو ته، "سوال اٿي پنهنجي نئينءَ ماءُ کي ڪاراڻي پياري چڙ. اٿين نه ٿئي جو هن ننڍي عمر جي ڇوڪريءَ جو هاضمو خراب ٿي پوي". ان مان اهو ظاهر آهي ته ان گهر ۾ وڏوا ڏيءُ ۽ نئين ڪدوار جو ساڳيو ملهه ڪونهي.

ويو آهي؟ ستي ٿيڻ واري اِستريءَ سوچيو هوندو ته همت ۾ ڪيتنا هجي ته بهتر!

هڪ اهڙيءَ عورت جو مثال ڏيئي سگهجي ٿو جا ته ستي ٿئي ۽ نڪي هن ٻئيءَ جي شوق سبب ٿي خودڪشي ڪئي هئي. اخبارن ۾ اڪثر اهڙيون خبرون شايع ٿينديون رهنديون آهن ته فلاڻي عورت پنهنجي سس جي ظلمن کان تنگ اچي يا ٻوڙيءَ عمر ۾ شادي نه ڪرڻ جي بدناميءَ سبب خودڪشي ڪري ڇڏي.

پتيءَ جي وفات بعد ڪنهن ڪنهن اِستريءَ جي من ۾ آپگهات ڪرڻ جي ڪهڙي اهڙي زبردست خواهش پيدا ٿيندي آهي، اها ڳالهه نه صرف اهي ٿي ڄاڻن جن ڪنهن کي ان طرح آپگهات ڪندو ڏٺو هجي. ليڪن مڙس جي مرڻ تي جوش ۾ اچي خودڪشي ڪرڻ ۽ چتا تي ڇيڇلائي مرڻ ۾ ڌرتيءَ ۽ آسمان جو فرق آهي. پهرين حالت ۾ ته جذبي وهيڻو ٿي موت اچي ٿو، ليڪن ٻيءَ حالت ۾ ٻاهه جي ڇپڻ سان ان جذبي جو گهڻو اڳ ۾ ٿي خاتمو ٿي وڃي ٿو.

'ڏاڪٽر' صاحب لکي ٿو ته، 'آفريڪا جي سردارن جون عورتون گهڻو اڳ ۾ ٿي نوڙيون چونڊي، سانڍي رکنديون هيون.'

'هربرٽ سپينسر' لکيو آهي ته - 'فيجي ٻيٽن ۾ جڏهن ڪو سردار مري ويندو آهي تڏهن ان جون زالون

پر ڏٺو ته ان مان مـردن جي وڏائيءَ ۾ ڪو واڌارو ڪونه ٿو ٿئي. ان مان ثابت اهو ٿو ٿئي ته استريءَ ڏانهن انهن ملڪن جي مردن جي خاص شردا ۽ ڀڪتي آهي. ان کان سواءِ زبردستيءَ، چالبازيءَ سان پيا نشي ۾ بيهوش ڪري، ڪيئن هڪ به استريءَ کي ان طرح جلائڻ جا ڪيئن به ملڪ لاءِ ناجائز ڪونهي؟

ڪجهه ئي ڏينهن اڳ هڪ وڌوا پاڻ کي ساڙي ڇڏيو. گهڻن ئي ماڻهن سندس ساراهه جا ڍڪ ڀريندي چيو هو ته - "ان کي چنبو آهي ستي". ان جي معنيٰ ته اگر ان طرح بيوس ٿيڻ ته به چار وڌوائون ستيون ٿين ته هو ماڻهو وڌيڪ خوش ٿيندا. ان مان نه صرف ان ڳالهه جو پتو پوي ٿو ته هن ملڪ جي مرد جو لاڙو ڪهڙي طرف آهي پاڪ گڏوگڏ اها ڳالهه به سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي ته اهڙي ملڪ ۾ مردن سان گڏ رهندي استرين جي من جو لاڙو به سياوڪ ڪهڙي طرف جهڪندو. استريون جن جي سهاري رهنديون آهن، انهن کي خوش رکڻ چاهينديون آهن.

سياوڪ آهي ته گهر ۾ سينڌ کي ستي ڌرم جي اڪراءِ ساراهه ڪندو ٻڌي اسان کي به ساڻن سر ملائي واهه واهه حاصل ڪرڻ جي دل ٿيندي ۽ مٿان وري ڌرم جا حوالا ڏيندي ماڻهون چوندا ته - "هن وچاريءَ کي ستي ٿيڻ مهل گيتا هٿ ۾ هئي." گيتا ۾ جا انيڪ

”ناري پرلوڪ پهچي مرد جي سيوا ڪندي.“ ليڪن بدناني هڪ ۾ مرد ڪونه سگهندو نه پرلوڪ ڇا آهي؟ تعجب ته ان ڳالهه جو آهي جو ايترو ظلم، اٿڇاٽائي ۽ حيواني ورتاءُ سهندي به استريون شروع کان ئي مردن کي پانيندڙون آيون آهن ۽ سندن پگهتي ڪندي مٿن وساهه رکندڙون آيون آهن. جنکي هو پيءُ، ڀاءُ ۽ سوامي سڏين ٿيون، انهن لاءِ سمجهي ۾ ئي نٿيون سوچين ته هو ڪو ايتري قدر نيچ ۽ دوکيباز آهن. انين ئو لڳي ٿو ته ان ۾ ئي ناريءَ جي مهانتا سمايل آهي.

بلوا منگل

مشهور ناٽڪ ”بلوا منگل“ ورهين کان رنگ منچ تي کيڏيو ويندو آهي. پارتواسي ان تي اعتراض لٿا وٺن جو ته ان ۾ ڌرم جي ڳالهه آهي. ان ناٽڪ ۾ هزارن درشڪن جي سامهون ڀهڻي واٽيو لڏجي ڇوڙي لڪريو ڪري پڌهڻجي ڏڀچنديءَ کي بداخلاق مهمان جي سيجا ڏانهن وڃڻ جو آديش ڏيندو آهي. ماڻهون پيسا خرچي اهو ناٽڪ ڏسندا آهن ۽ ان جي خوب تعريف ڪندا آهن. وائڻي جي لڪريو جو لمحو اهو هوندو آهي ته اها سندس پرلگيا هئي ته سندس گهر مان ڪو به مهمان نراس ٿي نه ويندو. ان ڪري ڪيس دپ ٿي ٿيو ته،

پنهنجو گلو گهٽي مرڻ کي ٺيڪ جو ڪم سمجهنديون آهن ۽ ان ۾ رانبڪ پورڻ ني بيحد غصي ٿينديون آهن. ‘واليم ني’ هڪ دفعي هڪ اهڙيءَ عورت کي ڀاڻي ورتو هو پر هوءَ رات جو پيءَ وٽي ۽ ٽري وڃي لنديءَ جي هن پار پهتي. اتي هن پاڻ کي پنهنجي ذات وارن جي حوالي ڪيو ۽ پنهنجي طرفان ان قربانيءَ کي پوري ڪرڻ لي خوب زور ڏنو. ‘والڪس’ اهڙيءَ اِستريءَ جو ذڪر ڪيو آهي جنهن پنهنجي ڀاڻڻ واري کي خوب حرف پٽيا هئا ۽ سدا هوءَ پنهنجي ڀاڻڻ واري لاءِ نفرت ظاهر ڪندي رهي.

انهن سڀني ڳالهين مان ڇا ٿو ظاهر ٿئي؟ اهو ئي ته اگر ‘ستي ٿيڻ’ فخر جي ڳالهه آهي ته پوءِ آرين ڪان سواءِ ٻيون به گهڻيئي جاتيون ان فخر جون حقدار آهن. مرد جو ڪجهه چاهين ٿا ۽ جنهن جي باري ۾ اهو پرچار ڪندا آهن ته - ”...هيءَ ڌرم آهي.“ عورتون ان لي وشواس ڪنديون آهن ۽ مردن جي خواهش کي پنهنجي خواهش سمجهي عظيم پل ڪنديون آهن ۽ پل ڪري سگهي ٿينديون آهن. ني سگهيٿو ته ان مان عورتن جو شان وڌندو هجي ليڪن ان فخر سان مردن جي گهٽتائي دٻجي نٿي سگهي.

سوال ٿو اٿي ته اهڙو ظلمي رواج ڪيو جاري ٿيو؟ جواب ۾ ٽرس ني اهو زمان لي اچي ٿو وڃي ته -

تي ٻا ضرورت محسوس ڪرڻ ٿي ان جي ناري ڌرم تي ظلم ڪري سگھو ٿا، ڪيس زنده ٻ رکي سگھو ٿا، ماري ٻ ورھائي ٻ سگھو ٿا. اھو نسورو ناحق آھي! مردن جي ان چڙواڳيءَ نسبت رڳو سڀني سموريءَ ذات کي نيچ ٺاڻي ڇڏيو آھي بلڪ سڀني استرين ۽ سموري استري جاتيءَ کي ٻي عزتو ڪري ڇڏيو آھي.

يھودي جڏھن سڀ جانورن جيان رھندا ھئا، ان سڀ ھو پنھنجي مال اسباب سان گڏوگڏ عورتن جي ٻ ورھاست ڪندا ھئا. ھيئنر ٻ گھڻيئي اھڙيون آسٽريلين جاتيون آھن جيڪي گھر ٻار، زمين جائداد، ڍڳن ڍورن سان گڏوگڏ زالن کي ٻ پاڻن ۾ ورھائي ڇڏينديون آھن. استريءَ جي ذات جي ٻاري ۾ 'واٽتي' جي ٻ ڀاونا ان قسم جي ھئي.

آمريڪا جي 'چڊڪ' نالي آڻ سٽرين قوم جي ٻاري ۾ ڪپتان 'لوئيس' چيو آھي تہ 'ھن جاتيءَ وارا مھمان جي سيجا تي پنھنجي گھر جي بھترين ڪنيا کي ۽ اگر ڪنيا نہ ھجي تہ استريءَ کي موڪلڻ تمام اوچ درجي جي ڌرم- پالنا سمجھندا آھن.'

ايشيا جي 'چڪچي' قبيلي جي ٻاري ۾ 'آرمٽن' صاحب لکيو آھي تہ مسافرن جي سامھون ھي نہ رڳو پنھنجي استري بلڪ پنھنجي ڌيءَ جي آبرو پيش ڪندا آھن. ڪپتان 'لائن' ۽ 'سر جان لبڪ' ايسڪيموز

ڪٿي سنڌس پرڳڻيا پيڳ نيڻ سبب اُٿورم نه لٿي ؛ موت بعد ڪيس جمدوتن جا ڏنڊا نه کائڻا پون.

هن جي من ۾ اهڙي ڀاو هو ته سنڌس پير ۾ ڪنڊو به نه چڀي باقي جوٽس جو ڀل ڇا به ٿئي. ان ڪان سواءِ شاسترن ۾ به اهين چيل آهي ته پنهنجو سڀ ڪجهه ڏئي به مهمان جو آدرستڪار ڪرڻ کپي، يعني ڌن، دولت، هاٿي، گهوڙا وغيره جيڪا به ملڪيت هجي سا مهمان جي خاطر خواهيءَ ۾ سيڙائڻ کپي. اهڙي قدر جو مهمان جيڪڏهن ڌرمپتني (جا پتيءَ جي چرلڌ پرندڙ ملڪيت آهي) به گهري ته ڏئي ڇڏڻ گهرجي! مرد جي نظر ۾ هڪ پويترتا اِستري جي عزت بس اِهڙا آهي؟ هڪ اڻ واقف بداخلاق مهمان جي شيوا جي پيٽ ۾ اِستريءَ جو ڇا اِهڙو ملهه آهي؟

"بلوا منگل" جا پڪت ان جي جواب ۾ چوندا آهن ته، "مهمان لاءِ هندو پنهنجي جان تائين ڏئي سگهيتو، 'ڪرڻ' پنهنجي پت ڪي به قتل ڪري ڇڏيو هو" اسين به ڄاڻون ٿا ته 'داتا ڪرڻ' ڪيڏو نه وڏو ڪم ڪيو هو ؛ "بلوا منگل" جي واٽتي به تمام وڏو ڪم ڪيو آهي. پر انهن سچ ڪونهي. پراڻ توهانجا خود پنهنجا آهن، تنهنڪري اگر توهين چاهيو ته ڏئي سگهو ٿا، ليڪن انهن سمجهڻ ته اِستري توهانجي ملڪيت آهي ؛ توهين ان جي مالڪ هئڻ جي حيثيت ۾ عرضي پوڻ

دروازو آهين ۽ ايشوري نيمن سان ڌرم جي سڀ کان ٻاهران ڀڃڪڙي ڪرڻ واري آهين." سنت 'آگسٽائين' پنهنجي چيلن کي سيکاريندو هو ته- "استري چاهي ماءُ هجي يا ڀيڻ، اسانکي اهو سمجهي سڄاڳ رهڻ کپي ته عورت ۾ حوا (شيطان) جو نواس آهي."

سنت 'امبروز' چئي ويو آهي- "ياد رکو ته ايشور حوا (عورت) کي ناهڻ لاءِ آدم (مرد) جي بدن مان هڪ هڏي ڪڍي هئي. پر هن جي آتما جو ٻاريڪ حصو نه هن ان ۾ ڪم نه آندو هو." سن ٥٧٨ عيسوي ۾ عيسائي ڌرم جو بنياد وجهندڙ اهو فيصلو ڪيو ويو هو ته استريءَ ۾ آتما ڪانهي.

جنهن ڌرم لاءِ ناري جاتي جيئي ۽ مري ٿي ۽ جن ڌرمي گرنٿن جي هر لفظ ڏانهن ناريءَ جي انوٽ ڀڳتي ۽ شرڌا آهي، اهي ڌرم گرنٿ لکندڙ مرد ناريءَ جاتيءَ ڏانهن ڪهڙي نه شرڌا ڏيکاري آهي!

وچولي زماني جي مشهور سنت 'برنارڊ' پنهنجي ماءُ کي هڪ خط ۾ لکيو هو ته- "... منهنجي امڙ، منهنجو توسان ڪهڙو مطلب. مونکي تو وٽان ڪشٽ ۽ پاپ کان سواءِ ڇا حاصل ٿيو آهي. ڇا تو لاءِ اهو ئي ڪافي ڪونهي ته تو مونکي تڪليفن جي گهر (سنسار) ۾ آندو آهي. تو مونکي هن پاپ ۾ جنم ڏنو آهي."

اڄ يورپ واسي اهڙڪا ۾ پورهي چوندا آهن ته

جاتيءَ جي 'ڪمسڪتا' رهواسين ۽ 'ڪالمڪ' مائهن جي ٻاري ۾ ان طرح جي مهمانوازيءَ جو اِلهاس لکي ويا آهن. هربرٽ سپينسر پنهنجي Descriptive Socialogy (تفصيلوار سماج شاستر) نالي گرنٿ ۾ 'ٻلس' ۽ 'ٻٽليسر' صاحب جي دوري جي بيان مان ان قسم جون گهٽنائي گهاٽيون پيش ڪيون آهن.

اسين پڇون ٿا ته انهن مائهن ۾ ۽ اسانجي "ٻلوا مڱگل"* جي واڌيءَ ۾ آخر ڪهڙو فرق آهي؟ انهن ٻلڪن جي مردن جڏهن ڳالهه کي پنهنجو فرض ۽ ڌرم سمجهي پالن ڪيو، "ٻلوا مڱگل" جي ڌارمڪ واڌيءَ ته ان ريت ني سپڪجهه ڪيو هو. مهمان کي خوش رکڻ جي خواهش، پنهنجي ڀاسي هڪ جهڙي آهي. پنهنجي ڀاسي پاپ لڳڻ جو ڀپ آهي، مهمان جي ناراضپي جي چنتا آهي. ان ڳالهه کي ڪيڏو به گول مول ڪرڻ بعد اسان کي ڪوڙ فخر ڪالسواءِ ڪجهه به نظر نه ايندو.

ناري ۽ ڌرم

شڪر آچاريه چيو آهي ته "ناري نرڪ جو دروازو آهي." بائيبل ۾ ناريءَ کي سموريءَ برائيءَ ۽ دکن جو ڪارڻ چيو ويو آهي. يورپ جي مشهور ڌارمڪ نيتا 'ٽارٽلين' ناريءَ متعلق لکيو آهي ته- 'تون شيطان جو

ٻڌجي ٿو ’مها نرواڻ تنتر‘ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به شاستر ۾ استرين کي سکيا ڏيڻ جي اجازت ڪانهي. سرڳواسي اڪشيه دت مهاشيه پنهنجي ’ڀارت ورشيه اپاسڪ سمپرداءِ‘ نالي گرنٿ جي مهاڳ ۾ تفصيلوار نقطيچيني ڪري ڏيکاريو آهي ته آڳاٽي زماني ۾ زالن ويد به لکيا هئا. ليڪن جڏهن شاسترن ۾ त्रयीन श्रुतिगोचरा (استرين جو ڪم آهي صرف ٻڌڻ) وارو سلوڪ موجود آهي تڏهن انهن سڀني دليلن مان ڪو به فائدو ڪونهي.

يورپ جو هڪ جهونو پنڊت لکي ويو آهي- ”ڇا استريءَ کي فيلسوفيءَ جو ابياس ڪرڻ کپي؟ ڪداچت نه. عورتن لاءِ فيلسوفي آهي، شاديءَ جي نيمن جو پالن ڪرڻ“. مارٽن لوٿر سرانين چوندو هو- ”ٻارن ڄڻڻ جي چاهنا رکڻ کان وڌيڪ عورت لاءِ ٻي اري ڳالهه ڪونهي“. چين ۾ هڪ چوڻي مشهور آهي ته- ”گيان جنهن ريت مردن جي سونهن وڌائي ٿو اگيان ساڳيءَ طرح عورتن جي خوبصورتيءَ کي چار چنڊ لڳائي ٿو.“

اڄ کان ڇهه هزار سال اڳ مصر وغيره جي پراچين سڀيتا جي سمي استرين جي حقن جي باري ۾ ’ماسپيٽر‘ ان قسم جون گهڻيون ڳالهيون چيون آهن ته- ”پتيءَ وٽ پتنيءَ جي حيثيت هڪ آبرودار مهمان جهڙي ٿيندي هئي ... استريءَ کي نه پاڻون جيان پتيءَ جي ملڪيت جو حصو ملندو هو. هوءَ گهر جي مالڪياڻي هوندي

جيترو اسين نارين جي مريادا سمجهون ٿا، اوترو ڪير به نٿو سمجهي. ليڪن تيرهن چوڏهن سؤ سالن ۾ يورپ واسين نارين ڏانهن جيتري نه برداشت ڪرڻ جهڙي نفرت ڏيکاري آهي ۽ جيترا عذاب هنن عورتن کي ڏنا آهن، اوترو ٻيءَ ڪنهن قوم ڪيو آهي، ان ۾ شڪ آهي. سندن Sacredotal Celibacy (پوتر برهمچريه)، چرچ جي اتهاس وغيره جي صفحي صفحي تي پاپ جون ڪهاڻيون لکيون ويٺيون آهن، جن کي پڙهي اسانکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته سندن مذهب مان اڪثر شردا ۽ پاپ جون ڳالهيون نڪرليءَ کانسواءِ ٻيو ڇا ٿي سگهن ٿيون؟

جنهن ڌرم جو بنياد ئي رکيو ويو آهي آدم جنهيءَ 'حوا' جي پاپ تي ۽ جنهن ڌرم ناريءَ کي سنسار جي سموريءَ گراوٽ جي جڙ ۾ ويهاري رکيو آهي، ان ڌرم جي سچائيءَ ۾ وشواس رکندڙ ڪڏهن به ناريءَ کي شردا جي نظر سان نه ڏسندا. اهڙن ماڻهن ۾ سندن سوارٿ جيتري ئي شردا هوندي آهي. ان کان وڌيڪ ڪي، ڇا هي شردا ڇٽو يا انصاف پسند حق، جو نڪي مردن هزار سال اڳ، عورتن کي ڏنو هو نه ئي هزار سالن بعد ڏيندا. 'مل' صاحب پنهنجي Subjection of Woman (نارين جي غلامي) نالي ڪتاب ۾ ان کي Isolated fact (الڳ حقيقت) سڏي اجايو دڪ ظاهر ڪيو آهي.

ڪيڏي نہ وڏندڙ آهي! نارين جي مڪتيءَ جو ڪهڙو نہ سٺو رستو ٻڌايو اٿس!! توهين يورپ جو ڪهڙو بہ گرانٿ کڻو، تو هان کي سڀني ۾ اها ئي راه ليندي. اسانجي شاسترن ۾ بہ صرف سنتان سبب نارين کي 'پاڳوان' سڏيو ويو آهي ۽ پٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ئي عورت کي اهميت جو بندوبست ڪيو ويو آهي.

نارين کي عزت پنهنجي ڪري نٿي ملي بلڪ اها انهن جي پٽن ۽ سنتان پيدا ڪرڻ تي مدار رکيٿي. جيڪڏهن مرد جي نظر ۾ استريءَ جي زندگيءَ جو صرف اهوئي مقصد آهي تہ پوءِ ڪنهن بہ طرح هوءَ ڪنهن بہ طرح مرد لاءِ فخر جو باعث بڻجي نٿي سگهي. آهي بہ اٿين، اولاد پيدا ڪرڻ کان سواءِ سنسار نارين ۾ ٻي ڪا بہ اميد نٿو رکي ۽ ان سبب ٿي دنيا عورتن جو آدرستڪار ڪندي آئي آهي.

اسانجي شاسترن ۾ ناجائز سنتان پيدا ڪرڻ جو رواج هو. ڪنتيءَ کي پنج پانڊو ۽ امبالڪا کي ان طرح ڌرتراشٽر پيدا ڪيو ويو هو. پراچين يهودي سماج ۾ بنا پٽ واريءَ ڀاڄائيءَ کي ڏير جي 'نائب پتني' بڻجي رهڻو پوندو هو.

'ڊيوٽرنمي' نالي ڌرم گرنٿ جي پنجويهين باب جي پڇاڙي پڙهندي معلوم ٿئي ٿو تہ يهودين اولاد پيدا ڪرڻ لاءِ عورتن سان ڪهڙيون نہ عقوبتون ڪيون هيون. ان

هئي. قانون جي نگاهه ۾ ڪيس مردن جهڙا حق هئا ۽ ساڻس به مردن جهڙو ورتاءُ ٿيندو هو، وغيره وغيره". ڌرم کي به ان سڀيتا وٽان روشني ملي هئي- ان ڪري ڌرم جي عورتن به ڪافي ترقي ڪئي هئي.

يورپ جي 'آئين قانون' ۾ پراچين ڌرم جو ڪافي اثر هوندي به نارين متعلق يهودين جي سخت بندوبست کي ٿي وڏي جڳهه ملي آهي جو نه. اهو مردن کي وڏاڪ پسند آيو ۽ سندن دل وٽان هو.

يسوع مسيح گهٽيئي ڳالهيون چئي ويو آهي ليڪن استريءَ ذات تي ٿيندڙ ظلم جي باري ۾ هن ظاهريءَ طرح ڪٿي هڪ به ڳالهه نه چئي آهي. دنيا ۾ مشهور سنت 'سينٽ پال' سيکاري ويو آهي ته- "ڌرم بابت عورتون مردن جيان ڪو به سوال نه ڪري سگهنديون، هو سدا پنهنجي سواميءَ جي سهاري رهنديون. ايشور مردن لاءِ زالن کي ۽ زالن لاءِ مردن کي جدا جدا سرشٽ ڪري پيدا ڪيو آهي .... ناري پرش کي سکيا ڏيئي نه سگهندي...... ناريءَ تي سنسار ۾ پاپ جو ٻج وڌو آهي. ان ڪري عورتون ڪيتري نرڪ ۾ ٻڏنديون ۽ انهن جي مڪتيءَ جو ڪو به چارو ڪونهي. ليڪن ها، اگر هو گرهستيون ٿي سگهن ته سندن ڇوٽڪارو ٿي سگهي ٿو."

ايشور کي ڄاڻندڙ 'بسال' مهاشيه جي اها چوڻي

پائڻ جي سوارٿ سبب ئي استريءَ جي اُتري عزت ۽ مرتبا ادا آهي. سوارٿ سبب ئي مرد آد ڪان عورتن جو نرادر ۽ اپمان ڪندو آيو آهي ۽ ان جو ڪارڻ اهو آهي ته مردن جون اهي ڳالهيون سمجهندي به عورتون ڪين نه سمجهنديون آهن. لڳي ائين ٿو ته شايد هو سمجهڻ به نٿيون چاهين.

سنسار جو نديو وڏو سک ماڻيندي ۽ پتيءَ جي ڇهري ڏانهن تڪيندي، ڪيئن اهو سوچين ته هن ــيءَ پتي اندر به سندن پلي جي خواهش نٿو رکي؟ پڻهنجي پتا جي مخاطب هو ڪيئن وهوار ۾ آڻين ته هو سندن پلو چاهيندڙ ڪونهي؟ حقيقت ۾ اگر هڪ هڪ ڳالهه کي الڳ الڳ ڪري ڏٺو وڃي ته ان سڀ کي دل تان هٽائڻ مشڪل ني آهي. ليڪن اگر وڏي پئماني تي سموري ناريءَ ذات جي سک دک ۽ پلي بري جي ته ۾ ڏٺو وڃي ته پيءُ، پاءُ ۽ پتيءَ جون سموريون برايون ۽ دوکيبازيون سڀ جي روشنيءَ جيان خود بخود سامهون اچي ٿيون ڪري وٺن.

ڪنهن به ملڪ ۾ ڪا به رسم، ڪوبه نيم ڏيــري ڏيري واهپي ۾ ايندو آهي. جيڪي ماڻهو ان کي واهپي ۾ آڻيندا آهن، اهي مردن جي حقن جي پنيرائي ڪندا آهن. ان وقت هو پتا، پائر ۽ پتي نه هوندا آهن، بلڪ هو هوندا آهن صرف پرش! جن لاءِ اهي

طرح آفريڪا ۾ به عورتن کي مجبور ٿي غير قدرتي طريقا اختيار ڪرڻا پوندا هئا.

هربرٽ سپينسر لکيو آهي ته- ”جيئن سيدي آسٽريليا جا پين جيان 'دعيمن' به سمجهي ٿو ته ڪٽنب ۾ گهڻن ٻارن جو هجڻ ايشور جي سڀ کان وڏي مهرباني آهي“. هن انهن به چيو آهي ته، ”آفريڪا جي اولهه حصي ۾ ڪنوارين ڇوڪرين لاءِ گهڻن ٻارن جي ماءُ بڻجڻ ڪلنڪ جي ڳالهه ڪونهي. جيڪڏهن ڪا به عورت ٻار پيدا ڪري ته اُن جا تمام گناهه سولائيءَ سان وسارڻا ويندا آهن“.

'اوٽيلڪس' جاتيءَ وارن بابت چيو ويندو ته انهن ۾ ڪنهن ڪنواريءَ ڇوڪريءَ کي اولاد ٿيڻ عزت ڏيڻ لائق ڳالهه سمجهي ويندي هئي. ڪيس مالدار ٿيڻ؛ سندس پتا کي خوب ڏن ملندو هو.

بائيبل جيان پراچين ڌرمي پستڪن Old testaments ۾ به، انهن چيو ويو آهي ته عورت کي سنتان لاءِ ٿيڻ هڪ وڏو پاپ آهي.

سماجڪ رسمون

ضرورت پوڻ تي ان ڳالهه جو 'سچ' جيئن به هزارن طريقن سان ثابت ڪري سگهجي ٿو ته مرد جي اولاد

ديوتا جي سامھون پنھنجن پٽن ۽ ڌيئن جو بليدان ڏيڻ ۾ نہ ھٻڪندا ھئا. انھن جي ڌرمي ڪتابن جي ھڪ ھڪ صفحي تي اولاد جي قتل جا ظلمي ڪارناما درج ٿيل آھن، جن جي ڳڻپ ئي نٿي سگھجي. سندن 'مليڪ' ديوتا انھيءَ ڪري تہ امر ٿي ويو آھي. ميڪسيڪو ۾ رھڻ وارا ماتا پتا پنھنجي خاص ديوتا جي سامھون پنھنجي سٺي ۾ سٺي ڌيءَ جو بليدان ڏيڻ ۾ فخر سمجھندا ھئا.

انيڪ ملڪن ۾ گھڻيئي اھڙا راجائون نظر اچن ٿا جي ڌرم جي نالي تي داني 'ڪرڻ' جيان پٽ جو قتل ڪندا ھئا. ميواڙ جي راڻا پنھنجي پٽ جي بلي چاڙھي ھئي ۽ ڪانڪيءَ جي راجا ديوتا جي سامھون پنھنجي ڌيءَ جو قتل ڪيو ھو. اسين سمجھون ٿا تہ پراچين سمي اھڙو ڪو ورلي ملڪ رھجي ويو ھو جنھن ۾ ڌرم جي نالي اولاد جو قتل نہ ٿيو ھجي. تڏھن ڇا اھو سمجھيو وڃي تہ ان زماني ۾ ماءُ پيءُ پنھنجي اولاد کي پيار نہ ڪندا ھئا؟

پيار ضرور ڪندا ھئا پر انھن ۾ سمجھہ ۽ ممتا رھي نہ سگھندي ھئي. رسم جڏھن ھڪوار ڌرم جو روپ وٺي ڪڙي ٿيندي آھي ۽ جڏھن ان سان ديوتا خوش ٿيڻ لڳندو آھي ۽ جڏھن ان سان پرلوڪ سڌاري- مڪتيءَ جو بندوبست ڪرڻو آھي تڏھن ڪو بہ ظلم ناممڪن نٿو

نيم ٺاهيا ويندا آهن اهي به ڀڃڻيون نه هونديون آهن، اهي هونديون آهن صرف ناريون! پرش ان وقت پرش ٺاهي صرف پرشن جي سوارٿ جي ئي سوچيندو آهي. ان وقت هو اهڙيون ترڪيبون ڳولهيندو رهندو آهي جن ذريعي عورتن کان هر طرح جي وصولي ٿي سگهي. ان بعد ’منو‘ ايندو آهي، ’پراشر‘ ايندو آهي، ’موسا‘ ايندو آهي، ’بال‘ ايندو آهي ۽ هو سڀ سلوڪ ٺاهيندا ۽ شاسترن جي رچنا ڪندا ويندا آهن. ’سوارٿ‘ ان وقت ’ڌرم‘ ٺهي مضبوط هٿن سان سماج تي راڄ ڪرڻ جو حق حاصل ڪندو آهي. مرد طبقو ’ويد وياس‘ هوندو آهي ۽ شاستر ڪار هوندو آهي ان سماج جي ٺاهيل نيمن کي لکڻ وارو ’گڻيش جي‘. سڀني ملڪن جا شاستر اڪثر ان نموني تيار ٿيا آهن.

ان بعد شاسترن کي قبولي هلڻ ۽ انهن مطابق ڪرم ڪرڻ جا ڏينهن اچن ٿا. ڌرم جي آسري تي ڪهي ويهڻ به انهن کي ڌير نٿي لڳي. ان ڌرم پالڻا جي مقابلي ۾ شخصي ڏک سک، سنيهه ممتا ۽ ڀلائي برائي وغيره سڀ ڳالهيون ان ريت ٻڏي وڃن ٿيون جيئن ريت پاڻيءَ جي بوند ۾ گل ۽ ڪک ٻڏي ويندا آهن.

اسانجي ديش جي ’سهه مرڻ‘ واري رسم ۽ اسانکي اهو ٿي ڏيکاري ۽ ٻين ملڪن جي ظلمي رسمن ۾ ان — اڪثر اها ئي ڳالهه ساهمون اچي ٿي. پهرين پڙهجي

پر اسين ان خود مطلبيءَ جي ڳالهه ڏانهن توجه نه ڏيئي سگهنداسين ڇو ته اسين ڄاڻون ٿا ته هن وقت هو (مرد) ڌرم جو واسطو ڏيئي پاڻ کي شانت ڪندو. اگر هو اونهو وڃي ڏسڻ چاهي ته ان رواج جي اصل جڙ ڪٿي آهي ته اتي ڪيس پيٽ سوارٿ کانسواءِ ڪجهه به نظر نه ايندو. ليڪن اهو ڏسڻ نهايت ڏکيو آهي.

'سه مرڻ' اڄ بند ٿي ويو آهي. انڪري اسين انکي ياد ڪندي ئي ڪنبي اٿون ٿا. اڄ جڏهن اسين اهو ڏسون ٿا ته گنگاساگر ۾ اولاد کي اڇلائڻ ۾ ڪيڏو نه وڏو پاپ لڪل هو تڏهن روم روم مان انگريزن کي آشيرواد ڏيون ٿا. پر ان وقت اسان ان قانون خلاف ڪيڏيون نه لڙايون ڪيون هيون. اهڙي قدر جو پنهنجي همت مان ڌن ڏيئي - فضول خرچ ڪري، ولائت تائين انجي اپيل ڪئي هئي. جن ماڻهن اپيل ڪرڻ ۾ خاص ڪوشش ورتي هئي انهن کي ته اسين گهرا دوست ڪري سمجهندا هئاسين. سرڳواسي راجارام موهن راءِ کي اسان ئي اڌرمي دنيت چئي اچا ٿا ڪيترئين گاريون ڏنيون هيون.

شاستر ۽ سماج

اڄ ائين ٿو لڳي ته اسانکي پنهنجي ڌرم جو پتو لڳو

رهي. هڪ جيترو وڏڪ ذلمي ۽ ڀيانڪ طريقو هوندو آهي، ٻج جو وزن ۽ اوترو ئي وڏي وڻندو آهي. اُن وقت ماءُ پيءُ صرف اولاد جو خيال ڪري مٿن ننڍا قيري سگهن.

ٻهدجي خود مطلبيءَ لاءِ مرد رواجي طرح جنهن رواج کي ڌرم جي انتظام جي روپ ۾ ڪڙو ڪري ٿو، پتا ٻڻجي ٻهدجي اولاد سبب ان جي پڪڙي ڪري نٿو سگهي. اُن وقت ٻهداه ورهين جي ڀيرسن سان ڪنهن مرد کي ٻهدجي ٻال ڪنيا جو ووه رچائڻو پوي ٿو. ممڪن آهي ته ٿوري وقت لاءِ سندس ڪليجي ۾ چوٽ رسندي هجي، ليڪن ڪو رستو ۽ نه ڪيس ڳولهيو نٿو لڀي. ڪيس ٻهدجي ذات ڀڄائڻي پوي ٿي ۽ ڌرم جو ڀڄاءُ ڪرڻو پوندو.

هو مرد ٻڻجي يا سماج جو هڪ شخص يا حصو ٿي ڪري جيڪو رواج ڦهلائي ٿو، اُن وقت اهو ئي رواج هڪ هٿ سان ڪانئس ڳوڙها اُگهائي ٿو ۽ ٻئي هٿ سان ڪيس قرباني ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. سمجهه ۾ ايترو وڏڪ ٻل نه ٿيندو آهي جو ان کي اِي رسميءَ جي قدم کڻڻ کان جهلي سگهي. ان ڪري ڏٺو ويو آهي ته سمجهه، موه، ممتا هوندي به ماڻهون اهڙو ڪم ڪري سگهندا آهن. عزيز هوندي به ڪٽر دشمن جيان ڏک ڏيئي سگهندا آهن.

ته شاسترن ۾ ان باري ۾ ته سلوڪ ڳولهيندي به لڀا ملن ــ ۽ ــ پوءِ دل وجان سان ان ڪم يا هلچل ۾ اڻ ٻڌجي اهو سمجهندا آهن ته ملڪ جو ڀلو ۽ شاسترن جي حفاظت تي رهي آهي.

هڪ سوال اهو به اٿي سگهي ٿو ته ڇا هو خود شاسترن مطابق هلندا آهن؟ شاسترن ۾ راڪشس-وواه آهي، گندرو-وواه آهي. شاسترن ۾ ناجائز اولاد پيدا ڪرڻ جو به رواج آهي. اگر هاڻوڪيءَ سماج ۾ اهي ڳالهيون شروع ٿي وڃن ته ڇا ڪين ٺيڪ لڳندو؟ اگر ڪانئن پڇيو وڃي ته هو انهن ڳالهين کي ٺيڪ ڇو نٿا سمجهن ته ان سوال جو به هو ڪو خاطر خواه جواب نه ڏيئي سگهندا. ان وقت هو هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري چوندا ته اهو سڀ ملڪ جي رسمن مطابق نه آهن ۽ انڪانسواءِ مرد جي وهنواري سمجهه انهن ڳالهين جي پنيرائي نٿي ڪري وغيره. اهي ڳالهيون هڪڙن گرنٿن ۾ آهن ته ٻين ۾ وري انهن جي ابتڙ سلوڪ آهن. انهيءَ طرح اسين پنهنجي گهر ۾ گندرو وواه ۽ ناجائز سنتان وغيره ڪنهن به طرح پسند نه ڪندا سين ۽ اگر ڪير اهو ڪم ڪندو به ته اسانکان جيترو ٿي سگهندو، اوترو ان گاريون ڏيندا سين.

در حقيقت جيڪو شاستر مردن جي خواهشن سان ميل کائي ٿو سو ترت ئي سانڍڻ لائق ٿجي ويندو آهي. نه ته جيڪر ڀڳوان خود لهي اچي وڏي واڪي

آهي. ان هوندي به اسان ۾ پوريءَ ريت سجاڳي نه آئي آهي. اڄ به اسين سماجڪ مسئلن جي اوک ڊوک ڪرڻ لاءِ پڇندا پراڻن پنڊتن وٽ وڃون ٿا. اهي برهمڻ ۽ پنڊت ڪهڙيءَ ريت ڄاڻي سگهندا ته شاستر آخر آهن ئي ڇو؟ يا ڪهڙا سچا آهن ۽ ڪهڙا نالي ۾ ٺهيل آهن؟ ڪهڙيءَ طرح هي پنڊت سمجهندا ته ڪهڙا ڳڻ ۽ اوڻايون ان زماني ۾ سماج ۾ موجود هئا ۽ هن وقت ڪهڙيون اوڻايون ۽ سٺايون آهن؟ انهن سڀني ڳالهين جي آلوچنا پنڊتن جي ڪهڙي مڪتب ۾ ٿيڻ ممڪن آهي؟ ڪهڙن گروئن ۾ ان قسم جي آلوچنا ڪرڻ جو صبر ۽ همت آهي؟

پنهنجي ملڪ جي ماڻهن کي ڇڏي اهڙن ماڻهن لاءِ باقي سڀ ماڻهون مليڇ آهن. هو پاڻ جهڙن کانسواءِ باقي سڀني کي اگياني سمجهن ٿا. پنهنجي آچار وهنوار کانسواءِ باقي سنسار جي سڀني آچار وهنوارن کي بي مطلب ۽ اجايو ڪري ٿا ليکين. مطلب اهو آهي ته پڻ کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي انسان ئي نٿا سمجهن. هو ان سچ کي نٿا ڄاڻڻ ته وقت سان گڏ نيم به بدلجندا آهن. ان ڪري جيئن ئي ڪنهن جديد (Contemporary) لائين رستي جي شروعات جي ڪوشش ٿيندي آهي، تيئن ئي هي مهاشيه ڏپ وچان سڪي ويندا آهن. روئي، وڻي هو اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن

تون منهنجي زال نه آهين ته هو ڪيس اٿ 'ميلا' چاندي توري ڏني ۽ ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏي.

ڪٿي نه هاريڪ انصاف آهي. اها اٿ 'ميلا' چاندي چاهي ڪيتري به چوڻ هجي، اهڙو ته اسين ضرور چئي سگهون ٿا ته پاڻيءَ ۾ ٻوڙي مارڻ جي ڀيٽ ۾ هوءَ هڪ پٿر تي رکي توري نٿي سگهجي.

پراچين ٻڌيلان جي قانون ۾ ١٣٧ کان ١٤٣ بابن تائين ٺيڪ ان طرح جون ڳالهيون درج ٿيل آهن. ٻڌيلان يهودين جي ڀيٽ ۾ ڪٿي دنيا وڌيڪ سڌريل هو. ڪجهه وقت اڳ يورپ جي نارين جي باري ۾ انيڪ ماڻهن لکيو هو ته - '......پتا طرفان پتيءَ وٽ غلامي ڪرڻ لاءِ وڪي ويندي هئي. ساڻس جن قانوني ڌارائن مطابق وهنوار ٿيندو هو، اهي ڌارائون انهن ڌارائن کان مختلف هونديون هيون جن مطابق سندس پاڻ سان وهنوار ٿيندو هو.'

ڪن ماڻهن لکيو آهي ته - "مزدور جي عورت زميندار جي ملڪيت وانگر هوندي هئي. ڪيس اهڙي سخت محنت ڪرڻي پوندي هئي جنهن جو ڪو انت نه هو."

مرد ڪڏهن خيرخواه بڻجي نه ٿي ڪڏهن اڳيان وڌي آيو آهي ۽ نه ٿي ڪڏهن ايندو، مردن ۾ جيڪي وڌيڪ سنا آهن، اهي رحم کائي نارين جي ٻريءَ حالت

ڇوڙي ته به ڪيس ڪير نه مڃي. ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن خاص حالت ۾ شاستر ڪنهن کي ڏکي به ڪن ليڪن رواجي خواهش جي دٻاءُ سبب اهو ڏک دائما نه ٿي ٽٽو سگهي. ٻلڪ اوچي درجي جي ڌرم جو روپ ڌاري ۽ سرڳ ۾ سڌوٽو سک پائڻ جو پاڪي وشواس ڏيئي ماڻهو انکي وساري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مردن جو ٻال ٻڍو جو ڏک ته ٻال ٻير ۾ وڃندو آهي، ليڪن جنهنکي سدا ڏک سهڻو ٿو پوي، اها آهي ناري.

وڌوا وواهه

اسين پنهنجي ملڪ ۾ ٻوجنيه نارين جي پوڄا جو طريقو ڏسي چڪا آهيون. ان پوڄائکي آدرش سمجهي جيڪي مرد فخر محسوس ڪندا آهن، انهن کي ڪجهه به چوڻو ڪونهي. اسين وديش جا رواج به ڏسي چڪا آهيون، اتي به اهوئي حال آهي. چار ٻڌ هزار ورهيه اڳ جي ڪنهن 'آئين قانون' جي هڪ ٻاب ۾ ان وقت جي سماجڪ رسم هن طرح لکيل آهي - '... اگر ڪا زال پنهنجي پتيءَ کان نفرت ڪري ٿي ۽ انکي ڇوڙي ٿي ته توڻ مهنجو پتي نه آهين اهڙيءَ پتنيءَ کي نديءَ ۾ اڇلائڻ کپي'.

'... اگر ڪو پتي پنهنجي پتنيءَ کي ڇوڙي ٿو ته

گڏ گڏ نہ ٿينديون هيون، بلڪ هو مردن کي سندن
مڪ، مان ڇيل ڳالهه عملي طرح ثابت ڪرڻ لاءِ مجبور
ڪنديون هيون.

هن ديش ۾ جڏهن ودوا - وواھ جي فائدي ۽ خلاف
تحرڪ هليو هو تڏهن جيڪي ماڻهون ودوا - وواھ جي
فائدي ۾ هئا. انهن انيڪ قسمن جي سنن ۽ ابن رواجن
مان صرف هن رواج جي ئي مخالفت ڪئي هئي تہ
ننڍيءَ عمر ۾ ودوائن جو پنر وواھ نہ ٿيڻ سبب ئي
بنگال ۾ 'ڪل ٿياڳي' عورتن جو انداز ڏينهون ڏينهن
وڌي رهيو آهي. ٻنهي ڌرين ۾ گهوڙاي جاري ٿي تہ
ودوا - وواھ ٿيڻ کپي يا نہ. ودوا - وواھ نہ هئڻ سبب
ئي ودوائون 'ڪل ٿياڳي' ڀڄنديون آهن. بعضي مردن
ئي اها ڳالهه قبول ڪئي تہ ڪل ٿياڳڻين جو تعداد
وڌي رهيو آهي ۽ ودوائن کان سواءِ ٻيون ڪهڙيون
استريون گهر ٿياڳ ڪرڻ لاءِ تيار ٿينديون؟

انگريز اهو سوچيو ويو تہ ڪهن رنت بندش ۾
روڪ وجهي، قانون جاري ڪري، تعليم ۽ ڌرم وهنوار
جي بندن ۾ ودوائن کي جڪڙي، ڪهن نموني انهن جو
نڪ ۽ سر جا وار ڪٽي کين بدزيبو بڻائي، سخت محنت
۾ رنپائي سندن هڏي هڏي چور ڪري- ان بدقسمتيءَ
(ودوا پڻي) کان ڇوٽڪارو پائي سگهجي ٿو. طرفدار ۽
مخالفتي ٻئي ان معاملي تي متاڪت ڪرڻ لڳا. اڄ

ٿي ڪتاب لکي ويا آهن، جيئن ته 'مل' ۽ 'ڪئمبورسيٽ'. پراچين زماني ۾ 'پلئٽو' ۽ 'ريپبلڪ' نالي ڪتاب لکي ويو آهي.

جن استرين کي اسين انڌڪار ۾ ۽ گهر جي ڪمن ۾ رڌيائي رکنـدا آهيون، ڇا اهي وڏڪ اوچ ۽ اعليٰ درجي جي ڪمن لاءِ ڪارائتيون نه آهن؟ ڇا استرين ۾ همت، عقل ۽ سيڪهي ڪلائن ۾ پـرڙ هجڻ جا مثال نٿا ملن. شايد انهن جي گڻن ۾ ڪا ڪمزوري آهي ۽ اهي گڻ اسانجي گڻن جي مشابهت ۾ ڪجهه گهٽ درجي جا آهن. ليڪن ڇا انڪري اهو مطلب ڪڍڻ کپي ته هو ديش لاءِ نڪميون آهن.

اسين اهو نٿا چاهيون ته ڪتابن ۾ لکڻ کان سواءِ مردن ڪو نارين کي ڪڏهن به سچي عزت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اگر ڪڏهن ڪنهن ديش ۾ عورت سچي شردا ۽ مان حاصل ڪيو آهي نـه اهو صرف پنهنجي ڪوشش سان ني ڪيو آهي. پـراچين مصر ۾ هڪ دفعي اها ڪوشش ٿـي هئي ۽ ان ڪوشش جي وڏڪري روم تائين پهچي اثر ڪيو هو. اسانجي ملڪ ۾ بـه هڪوار اهڙي ڪوشش ٿي هئي، جنهن وقت عورتون والدن جي رچنا ڪرڻ جي لياقت رکنديـون هيون. نارين جو سڀ پڇو ته ان وقت هو جڏهن ناريون مردن جي منهن مان 'ديوي' لقب پائنديون ٿي

ته گهڻو ڪلاڪ لڳاتي رهيا آهيون؟

فرانس جي هڪ وڏي فيلسوف چيو آهي ته - "جڏهن ريس غلامن جو واپار سموريءَ بدناميءَ جو ڪارڻ آهي. ان ريس وشياپڻو به سموريءَ گراوٽ جو سبب آهي". اسان هتي وديش جو مثال ڏنو آهي جو تسان پنهنجي ملڪ جو مثال ڏيڻ جي همت نٿي ٿئي.

اسانجي ملڪ جا فيلسوف ته ديوتائن جيان ملڪ جي سرگس ۾ رهن ٿا ۽ اگر هو غصي ۾ اچي سراپ ڏيئي وڃن ته سندن سراپ به رشين منين جي سراپ کان گهٽ اثردار نه ٿيندو. ڪجهه به هجي اگر ڌارين جي ڳالهه مڃي وڃي ته ڇا ايتري وڏي ملامت سهڻ لاءِ ني استريون ڏينهن رات منتظر رهنديون آهن؟ ۽ ايتري وڏي حيوانيت تي ناريءَ جو سڀاويڪ اخلاق آهي؟

مرد پنهنجي زوراوريءَ سبب چئي ويندو - "ها" ۽ ناري پنهنجو ڪومل ايمان رکي چوندي - "نه". جيڪڏهن سچ پڇ ان ڳالهه جي جاچ ڪئي وڃي ۽ هڪ ڪالپنڪ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته ٻوءِ لڳاتار دليلبازي تي هلندي رهندي. ان لاءِ هيئر اسين اهو ڏيکاريون ٿا ته ڇهه چار ڪرڻ لئي ڪجهو ڪسڙ ٽيل نڪري ٿو.

ٻارهن تيرهن ورهيه اڳ جي ڳالهه آهي ته هڪ پڙ مانس بينگال ۾ 'ڪل ٽياڳٽيل' استرين جو اتهاس

ٻــ رکي رکي ماھوار رسالن ۽ اخبارن ۾ ان وشيه تي ليک ڇپجن ٿا ته ڪهڙي ريت ٻارن وڌوائن کي روڪي سگهجي ٿو ۽ ان لاءِ ماتا پتا جا ڪهڙا فرض آهن. درحقيقت آڏ ڪان انت ٿائين مردن کي سدائين اهو ڀپ رهندو آهي ته اگر استرين کي روڪي نه رکيو ويندو ته هو اوس ڇڙون اوڙانگهينديون.

ڪي ماڻهون چون ٿا ته- ”نارين تي وشواس ڪرڻ نه کپي.“...... ڪي هڪ قدم اڳتي وڌي وَڪو ڪن ٿا ته- ”گرد ۾ هوندي به مٽن وشواس نه ڪرڻ کپي.“ ٻيا وري چون ٿا ته- ”الهن؟ بابت ڏيوتائون به ڀورو نٿا ڄاڻن.“

اسين هتي اهو سوال نه اٿارينداسين ته وڌوا- وواھ نيڪ آهي يا نه. ليڪن اگر وڌوا- وواھ لاءِ صرف اهو ئي ڪارڻ واجب سمجهيو وڃي ته اگر ان قسم جو وواھ نه ٿيندو ته عورتن کي سنئي رستي تي قائم رکڻ مشڪل ٿيندو ته پوءِ ان ڇوندس ته وڌوا- وواھ نه ٿيڻ ئي بهتر آهي.

پر ڇا اها ڳالهه سچ پچ نيڪ آهي؟ مردن ڪڏهن ڪا ڄاچ جوچ به ڪئي آهي؟ ۽ ڇا صرف وڌوائون ئي ڏينهن رات گهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ منتظر رهنديون آهن؟ ان ڳالهه جو ويچار ڪرڻ وقت ڪڏهن سوچيو به آهي ته اسين اڄا ڪڏهن ڏوھ جي استرين تي ڪيڏو

ظلمن نه سهڻ ڪري ئي ڪين اُتين ڪرڻو پيو. هُريُرو
اُنين ڪونهي ته اُنهن سينڌي جو چوڻ ڪو سچ هوندو.

جهڙيءَ طرح شريف خاندان جون وڌوائون مڙس نه هئڻ ڪري ٻي وسيلي اُڃي پونديون آهن، ان طرح نيچ ڪل جون سياڻيون مڙس هوندي به بيوس هونديون آهن. پر اُنهن نيچ ماڻهن جي وڌوائن جي حالت شريف خاندان وڌوائن کان بهتر هوندي آهي. ان جو سبب اهو آهي ته نيچ گهر جون عورتون وڌوا ٿيڻ بعد اجايو ڏپ نه ڪنديون آهن. هو ڪافي خبردار ٿي وهنديون آهن، بازار ۾ وڃي ڪم ڪنديون آهن، اناج ڪٽينديون آهن ۽ ضرورت پوڻ تي نوڪري به ڪري سگهنديون آهن. ان ڪري سٺن ذريعن سان زندگي بسر ڪرڻ سولي ٿيندي اٿن. بس، اهڙي ڪرڻ بعد ڪين 'ڪل ٿياڳ' ڪرڻ جي ضرورت ئي نه پوندي آهي. پر اُنهن جي سياڻين لاءِ وري اهي واهون بند هونديون آهن. ٻٽيءَ جي هوندي نه ئي هو ڪا محنت مزدوري ڪري سگهنديون آهن ۽ نه ئي ڪين چڱيءَ طرح ڪاتڻ پيهڻ لاءِ ملندو آهي. ٻٽي هنن لاءِ ڪاڏو پيٽو نه ميسر ٿيا ڪري سگهن، صرف ماري ڪٽي ٿي مٿن راڄ ڪن ٿا. بنگال جي هڪ مشهور چوڻي آهي-

"ڪاڏو پيٽو ڌڻ لاءِ ڪير ناهين،
مڪون هڻڻ لاءِ مڙس آهي"-

ٿي چنيءَ چڱيءَ طرح ٿو سمجهائي سگهجي ته بنگال

ڪٺو ڪري رکيو هو. ان ڪتاب ۾ جدا جدا ضلعن جي هزارن آياڳٽين جا نالا، اندرسون، عمر، ذات پات جي جاڻ ۽ 'ڪل لياڳڻ' جو مختصر بيان ڏنو ويو هو.

پر سمدس گهڻو ۾ باه لڳڻ سبب اهو ڪتاب جلي ويو ۽ اسين سمجهون ٿا ته انهو جلي وڃڻ ئي سٺو هو. ان ڪري اگر ڪو پڙهو ثبوت گهرڻو وڃي ته شايد اسين نه ڏيئي سگهون پر آد ڪان انهه تائين انهي سموري ڪماڻي اسانکي ياد آهي. حساب لڳائڻ سان اسين اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويا هئاسين ته انهن آياڳٽين ۾ ٧٠ سيڪڙو عورتون سياڳٽيون (شادي شده) هيون،

آياڳٽيون

باقي رڳو ٣٠ سيڪڙو وڌوانون هيون. اڪثر سڀني جي 'ڪل لياڳڻ' جا سبب هئا - حد کان وڌيڪ مفلسي، بيماري وغيره جا اسهه ظلم.

سياڳٽين مان اڪثر نيچ ذات جون هيون ۽ وڌوائن مان گهڻو ڪري اوچ ڪل جون. نيچ ذات جي سياڳٽين صرف اهوئي جواب ڏنو ته، "اسانکي اُنو لٿو نٿي مليو. ڏيهن جو رکندڙون هيون سين ورهه ۽ رات جو ملندي هئي مڙس جي مار". شريف خاندان جي وڌوائن ٻڌايو ته پاڻ، پاجاڻيءَ يا سس سهري، ڏير وغيره جي

هو جيسين چاهي ٿو، عيش عشرت ۾ وقت وڃائي ٿو
۽ جڏهن به چاهي گهر موٽي سگهي ٿو. گهر موٽي هڪ
ٻه ڏينهن پڇتاءَ جا آنسون وهائيندي گهر جي هڪ ڪنڊ
۾ ويهي رهي ٿو. ان ڪانپوءِ نزديڪ جا عزيز سندس
گهر موٽي اچڻ جي خوشيءَ ۾ ڪيس السلام ڏياريندي
چوندا آهن - "اڙي انهي جا آهي؟ ائين ته ٿيندو ئي
رهندو آهي. مردن کي ڪو به پاپ نه لڳندو آهي. اچ،
ٻاهر اچ" هو به ان وقت ڪلندو ڪڏهن ٻاهر نڪري
ايندو آهي ۽ بحث مباحثي جي دوران ۾ چالي ٽوڪي
چوندو آهي - "اگر استري ڪڏهن به غلط رستي تي
هڪ دفعو هلي وڃي ته اُنکي قبول نٿو ڪري سگهجي"
نيڪ ٿي آهي چاهي ڪهڙي به سبب، جيڪا استري
هڪوارو پيل ٿڪندي آهي، ان سان هندو ڪڏهن به قسم
جو تعلق نه رکندا آهن. اڳتي هلي جڏهن ها پيل پاپ
جي روپ ۾ (ونشاپٽي جي روپ ۾) ڪڙي ٿئي ٿي تڏهن
اهو ساڳيو ئي مرد ساڳيءَ ناريءَ سان ٻهڪجو سڙي. سڄاڻ
لاءِ ترقي اٿي ٿو! ان ساڳيءَ ناريءَ کي اهڙي اهميت
ڏني وڃي ٿي!

هن ديش جي رهواسين جڏهن ولهه شرڌا سان سري
ڪرشن جا، 'ڪارو سونو' 'ڪارو ماڻڪ' وغيره سونان
نالا رکيا آهن، اسين سمجهون ٿا ته سنسڪرت ساهتي ۾
ونشيا لاءِ به عزت ۽ شرڌا ڀريا ناهيل لفظ ته ان ڪان

جي گهٽ درجي جي ماڻهن ۾ اها ڳالهه ڪيتريءَ حد تائين ٺيڪ آهي ۽ ڪيتري قدر گهري ڏک مان اها چوڻي نڪتي آهي.

هوڏانهن شريف گهر جي ونوانن جي حالت ٺيڪ گهٽ ذات جي سهاڳڻين جهڙي آهي ڇو ته شريف گهر جي ونوانن کي آزاد نموني بدني پورهيو ڪري جيوڪا ڪمائڻ نٿي ڏني وڃي ڇو ته ان سان ساهرن ۽ پيڪي گهر جي عزت گهٽجي ٿي. ليڪن حقيقت ۾ شريف گهر ۾ ونوانن جي حالت ڪنهن کان لڪل ڪونهي.

مسٽر سيڪڙو آياڻيون اُني لٽي جي ناموجودگيءَ سبب ۽ ونهن عزيزن جي حقارت سبب، نفرت ۽ ظلم سبب ٿي گهر ڇڏينديون آهن ۽ اهوئي سبب آهي جو ڪل لياڻين ۾ ونوانن کان سهاڳڻين جو انداز وڌيڪ آهي.

ڇا ڪو مرد اهو قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو ته ڪل لياڳــ؟ سهاڳڻيون ٿي وڌيڪ ڪنديون آهن ۽ اهو به صرف مردن جي ظلمن ۽ اتياچارن سبب ٿي؟

هڪ طرف ته مرد جنهن رهت غربيءَ ۽ بي انداز ظلمن سان ناريءَ جي سياوڪ اصلي سمجهه کي دٻائي ڪيس گهر ۾ بند ڪائي رکي ٿو، ٻئي پاسي هر ناريءَ کي خوب مذر سکن جو لوڀ لالچ ڏيکاري ٿي گهر مان نڪري وڃي ٿو. مرد کي ته ڪو ڀيٽ اثر ٿئي ٿو ته

قدمن ۾ مُرده جيان رهڻ ئي سڄو استري‌پڻو آهي.

ڪجهه ماڻهو وگيانڪ دليل جي پٺڀرائي ڪندي چون ٿا ته اگر آئينده جي پيڙهيءَ جي ڀلي ڀري جي مد نظر ڏٺو وڃي ته استرين جي پال ۾ غلطي سبب ئي نقصان ٿئي ٿو. ليڪن ڊاڪٽر ڄاڻن ٿا ته ڪيترن بيگناهه اڀوجهه عورتن کي بد اخلاق (ونشائن) سبب خوفناڪ بيمارين ۾ عذاب ڀوڳڻا پون ٿا ۽ انيڪ ٻارن کي پيدائشي بيمار ٿيڻ جي جنم ونڊو پوي ٿو ۽ سموري عمر ماتا پتا جي انهن ڪمن جو پرائشچت ڪرڻو پوي ٿو.

شاستر ان باري ۾ اڻٿڪا آهن. لوڪ مت ان باري ۾ گونگي آهي ۽ سماج چپ آهي. مردن جي خواهش ۽ چاهه تي مول ڳالهه آهي ۽ اهائي سماج جي حقيقي سٽي نيتي آهي. مرد پنهنجي ڌرم پتنيءَ جي اکين سامهون ڀي بي انصافي يا اڌرم ڪندو ۽ پنهنجي ستيپڻي کي برقرار رکڻ لاءِ ستي استري پنهنجي زبان مان ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪيندي، ڇو ته شاسترن جي چوٽي جو ٿي! اهو ڄاڻندي به ته مرد جون خوفناڪ ۽ ڪرڙهيون بيماريون پنهنجي سريرِ ۾ ڌارڻ ڪرڻيون پونديون! ڀلا ان کان وڌيڪ استريءَ جي گراوٽ جو ٻيو ڪهڙو روپ ٿي سگهي ٿو؟

طلاق

جدا جدا ملڪن ۾ طلاق جو رواج آهي جنهنڪري

گهٽ نہ آهن. انهن سڀني ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو تہ سوارٿ پڻ ۽ اخلاقي ٻري خيالات ڪڻهن بہ آهي مرد ۾ يا استريءَ ۾؟ گڏو گڏ اهو بہ پتو پوي ٿو تہ سماج ۾ ان پاپ جو ڀمڪار ڪرڻ لاءِ ڪهڙجي لاءِ شاسترن ۾ سخت نيم هئڻ گهرجن سماج کي جيئرن کي برقرار رکڻ لاءِ نر يا ناريءَ ٻنهي ڪهن تي وڌيڪ نظرداري رکڻ ضروري آهي ۽ ڪهن کي سزا ڏيڻ ضروري آهي.

ليڪن ناريءَ جي ڀل ۽ غلطيءَ کي سماج هڪ پائي بہ معاف نہ ڪندي ۽ مردن کي سورهن آنا معاف ڪري ڇڏيندي. انجو سبب ڇا آهي؟ سبب آهي مرد جي زورآوريءَ سبب اهڙي آهي تہ سماج جو مطلب آهي 'مرد' ناري ڪوڙهي. ڪين ڪم آهي نفرت ڪرڻ جو، انڪري مرد استري ,ڪان نفرت ڪندو آهي. مرد کي اهو حق ڏنو ويو آهي، استرين کي اهو حق مليل ڪونهي. مرد چاهي ڪيترو بہ نفرت آميز ڇو نہ هجي، پر تہ بہ هو پتي آهي. ڀلا پتيءَ سان ڪيئن ٿي پتني نفرت ڪري سگهي؟ شاستر چون ٿا تہ پتي چاهي ڪهڙو بہ ڇو نہ هجي، ستيءَ استريءَ لاءِ هو ديوتا ئي آهي ۽ اگر ان ديوتا جو مرض ٿي پوي تہ انهي چرڻ ڪملن کي ڀيڄي گود ۾ رکي پوڄاري ڪرڻ (سه مرڻ) ضروري آهي. گهٽ ۾ گهٽ هن زماني ۾ تہ انهي پاڪ

سگهيا سين ته اسانجا گهڻا ٻاٽمرادو سر اونهو ڪري سيني جي سامهون اچي ويندا. ودهشي ماڻهو اهو ب سمجهن ٿا ته طلاق جي رسم کا مناسب ڪونهي، پر مار ڪاٿي اهي ماڻهو چپ ٿيا رهي سگهن. هو ب مارڪيٽ ڪندا آهن. هاڻي مارڪيٽ کا اهڙي شيءِ نه ڪونهين جا بلڪل چپ چاپ ڪٽي وڃي. انڪري ٻاهرين کي ب ان ڳالهه جي خبر پئجي ويندي آهي ۽ دشمن کي ب خوب کلڻ جو موقعو ملي ويندو آهي.

سوال ٿو اٿي ته جن سبن ڪري ٻين ملڪن ۾ ان قسم جا مقدما داخل ٿيا آهن. ڇا اهي سبب اسان جي گهرن ۾ پيدا ٿي نه ٿيندا آهن؟ اسان کي وشواس آهي نه وڏي ۾ وڏو نراس ماڻهو ب شاهد نه ڏئي سگهندو. هاڻي جيڪڏهن اها ڳالهه سچي آهي ته پوءِ اسانجي خوش ٿيڻ لاءِ رهيو ٿي ڇا؟ ڇا مقدمو ئي اصلي چيز آهي، انجو ڪارڻ ڪجهه ب ڪونهي؟

انهن ملڪن ۾ ب ڪنهن وقت طلاق جو رواج ڪونه هو پر وچولي زماني جي انگريزن اهڙن رسمن سبب ئي ڪنهن وقت ماڻهن کي ان ڳالهه جو احساس ٿيو هو. ان باري ۾ چيو ويو آهي ته:

"طلاق جي باري ۾ چرچ ۾ ٿورم طرفان جيڪا بي سمجهيءَ جي سختي ٿيندي هئي، انجي ڪري بد انتظامي ۽ شرمناڪ ڳالهين جو واڌارو ٿيندو هو. مردن

اني جي اِسترين لاءِ ڪا به واهه ڪليل آهي. ٻيو اسان جو ديش جيڪو خود ڀڳوان جو ديش آهي ۽ جنهن ديش جي ويدن شاسترن جهڙا شاستر ٻيا ڪٿي به ڪونهن، جنهن جي ڌرم جهڙو ٻيو ڪو ڌرم ڪونهي، ان ديش جي نارين لاءِ اهو به رستو ڪليل نه رکيو ويو آهي. هن ديش جا مرد اِسترين جا هٿ پير ٻڌي ڪين خوب ماريندا ڪٽيندا آهن ۽ هو ويچاريون چري به نه سگهنديون آهن. شايد ان ڪري ئي مرد خوب اهي ڪٺي ٻاهر ڇڏي سگهندا آهن ته ڀلا هن ديش جي اِسترين جهڙا سهنشيل جيو ٻيو ڪٿي آهن سنسار ۾؟

اسين به اهو ڄاڻون ٿا ته اهڙيون سهنشيل اِسترايون ٻيون ڪٿي ڪونهن. پر جنهن سبب ڪري، اهو سبب ڇا اهڙو آهي جنهنڪري مرد پنهنجي وڏائي ڪري سگهن؟ جڏهن به ڪنهن ودياشي اخبار ۾ اها خبر هوندي آهي ته فلاڻي، فلاڻي سان سمبند ٽوڙڻ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو آهي، تڏهن هتي جي اخبار نويسن جي خوشيءَ جو ڪو ٺڪاڻو ئي نه رهندو آهي. هو رڙيون ڪري سڄو شهر مٿي تي کڻندا آهن ته اکيون کولي ڏسو، اها اٿو ودياشي سڀيتا!

اهڙن ماڻهن جي من ۾ اهو ويچار رهندو آهي ته جيڪڏهن اسين ٻين ديسن جي اوگڻن جو پرچار نه ڪري

وڃي. هو نہ صرف سڙي ٻڙي جواب ڏيندو —
"ڇو...... ڀلا اها بہ ڪا ڳالهہ آهي!".

ها، اها ڪا ڳالهہ ڪونهي. ڇو تہ ڏوهہ ڪرڻ جي جا مرد کي اروڪ آزادي مليل آهي ان پر ڪيس ڪتر نٿي وٺي. خاص ڪري هن ديس جا مرد جي پاڻ ئي ڪانئر ۽ ڀڄڻا هوندا آهن، جي ٻين ملڪن جي مردن جي پيٽ ۾ استرين جيان ٻيوس ٿيندا آهن. جيڪي استرين سامهون پاڻکي مرد سڏائڻ جي لياقت کان وانجهيل آهن، اهي ڪانئرن وانگيان، پاڻ کان نبل ۽ ٻيوسن تي ظلم ڪري 'فرض پالڻ' جو آنند حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن.

اها ڄاڻل ڳالهہ آهي تہ هو شاسترن جي اوٽ وٺندا، سائنس جو حوالو ڏيندا ۽ شرافت جو پونگ رچيندا. پر هاڻي استرين جي سوچ ويچار جو وقت اچي ويو آهي. جيئن پرش اهو ڄاڻي تہ 'جيون راهہ تي استريءَ جي رکيا ڪونہ ٿي سگهندي' وارو شاستر ناهيو آهي، ان جي شاستر جو بہ اوتسرو ملهہ ميڙڻ ضروري آهي ۽ اهوئي سڀ کان وڏو نياءُ آهي. ●

صحي ڪٿ

لڳي ٿو تہ اسانجون اهي سڀ ڳالهيون مردن کي پسند نٿيون پون ۽ گڏوگڏ ڪين اها بہ خواهش نٿي ٿئي

۽ استرين جو ويچار لڳاتار وڌندو ھو. مردن جي نظرن ۾ استرين جو مله تمام گھٽجي ويو ھو جڏھن ڪري گھرو ڪمن مان استرين جو ڌيان گھٽبو ٿي ويو. باقي مردن کي خوش رکڻ جي خواهش ابرابر وڌندي ٿي وئي.' شاسترن جي ان ڪٿر پڻي استرين کي ڪيترو نه هيٺ ڪيرائي ڇڏيو هو، انهي انيڪ طريقن سان آلوچنا ڪئي آهي.

'ڪي - پيئرسن' پنهنجي ڪتاب 'آزاد خيال جي نيتي شاستر' (Ethic of FreeThougts) ۾، جو ڪتاب هو پڙهيل ڳڙهيل استريءَ کي پڙهڻ کپي.

اسانجي ڳالهين مان ٻانڪن کي اهو وهم نه هئڻ کپي ته اسين طلاق ڪسي ڪوسني ڳالهه ڇئي رهيا آهيون. مارڪيٽ ۾ ڪا سني ڳالهه ڪونهي. پر جڏهن اسانجي ماڻهن ۾ استري تياڳ جاري آهي تڏهن اهو تياڳ استري ۽ پرش ٻنهي جي حالت ۾ ڇو نه واجبي آهي؟ استري ڇو نه ٿي پنهنجي پتيءَ جو تياڳ ڪري سگهي؟

اوس، مرد اهو ڪڏهن به طرح نه چاهيندو ته ڪو مرن جهڙو تياڳ ڪرڻ جي طاقت منهنجي استريءَ کي به هجي. پر گڏو گڏ اها ڳالهه به ٻڌوريءَ طرح نه پڌائي سگهندو ته ڇو نه هجي. جدا جدا ديسن جي استرين وانگر هدن کي به اهو حق ڇو ا. ڏنو

ڪري ڇڏيائين.

زندگيءَ جي وڪاس جو هي ڪارڻ جڏهن سچ جي روپ ۾ سنسار ۾ قبول پيو، تڏهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين منووگيان جا جيڪي به ڪتاب لکيا ويا آهن انهن ۾ هڪ ڳالهه جي ور ور آلوچنا ڪئي وئي آهي ته انساني دماغ جو واڌارو سندس سرير جيان ڌيري ڌيري ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ رواجي جانورن جي ڀيٽ ۾ انسان سيني ڳالهين ۾ ڪافي اڳتي وڌي ويو آهي تڏهن به اهو قبول ڪرڻو پوندو ته جانورن سان سندس ڪجهه نه ڪجهه تعلق ۽ جانورن جي سڀاءَ ڏانهن سندس ڪجهه نه ڪجهه ڇڪ رهجي وئي آهي.

اگر هن سچ کي چڱيءَ طرح سمجهي ان ڳالهه جو پتو لڳايو وڃي ته جن کي اسين جانور سڏيون ٿا، انهن ۾ ناريءَ (ماديءَ) جو ملهه آهي يا نه، ته پتو لڳي ٿو ته _ "ها"، آهي. ٻه شينهن جان جي بازي لڳائي لڙندا آهن ۽ شينهڻ چپ چاپ ڏسندي رهندي آهي. انهن مان جيڪو فتحياب ٿيندو آهي، ان سان گڏ هوءَ ڌيري ڌيري هلي ويندي آهي. هوءَ هڪ وار منهن ڦيري ڏسندي به نه آهي ته ٻيو شينهن جيئرو به آهي يا مري ويو؟ ان ڪانپوءِ شينهن ۽ شينهڻ جو جوڙو ڪجهه ڏينهن تائين گڏ رهندو آهي ۽ جڏهن شينهڻ ڳرڀوتي ٿيندي آهي تڏهن ٻئي جدا ٿي ويندا آهن.

۽ انهن ڳالهين کي وويڪ ڏانهن پهچڻ ڏنو. ليڪن
جڏهن ملڪ ۾ ٻيا مطلب ظلم ۽ بي انصافيءَ جي ڪا حد
نه ڪونهي، ان ملڪ ۾ ڪڏهن نه ڪڏهن استري
ان جو سبب ڄاڻڻ چاهيندي پوءِ چاهي مرد اها ڳالهه
پسند ڪري يا نه. فرانس جي نيپولين هڪ ڏينهن
مئڊم ڪنڊورسيٽ کي چيو ته- "مان نٿو چاهيان ته
زالون ڪو راڄنيتيءَ ۾ دست اندازي ڪن". انتي مئڊم
جواب ڏنو ته- "سنداپتي مهاشيه توهانجو اهو چوڻ درست
آهي پر جڏهن ديش ۾ استرين جي سر ڪٽڻ جو رواج
هوندو ان ملڪ ۾ استريون ضرور ڄاڻڻ چاهينديون ته
سندن سر ڇو ٿو ڪٽيو وڃي".

اڄ ڪالهه جا پنڊت به اها ڳالهه قبول ٿا ڪن ته
جڏهن انسان، انسان ٿيو هو (سڀيتا شروع نه ٿي هئي)
ان کان اڳ، به ڪيس ڪم ۽ سبب جي اڻوٽ تعلق جو
آڀاس ٿي ويو هو. جڏهن هو اڃا شڪيه هو، ان وقت به
اچانڪ بادلن جي ڇانوَ ۾ سورج جي پرڪاش کي ڍڪجندو
ڏسي، هراس ۾ منهن بند ڪري خود جو بچاءُ ڪرڻ جي
ڪوشش ڪندو هو. ڪيس اها خبر پئجي وئي هئي
ته اها ڇايا صرف ڇايا نه آهي ان سان گڏ ڪجهه ٻيو به
اچي رهيو آهي. اهو طاقتور آهي، نزديڪ آهي ۽ گهڻو
ڪري اسانجو پلو ڪندو. ڇايا جو ڪارڻ ڏسي هن ڪم
جو انومان لڳايو ۽ پنهنجي بدني قلعي جو ليکو، بند

هن ڌرتيءَ کي ٻرام ڀوُمي چئي، ان حقيقت تي ڌوڙ نٿي وجهي سگهجي.

ترتيب وار ترقيءَ سبب پوش ۽ استريءَ جي انيڪ قسمن جي سنيهه ۽ ٻريم جو نقش والميڪ، ويــاس ۽ ڪاليداس جي هردي تي اُپري ساري سنسار ۾ ڦهلجي ويو؛ اهو ڪنهن نه حالت ۾ ٻرلوڪي امر پيار جي ڳالهين کان گهٽ ڪونهي.

اگر ’ڪوهنور‘ کي اهو طعنو هڻيون وڃي ته لـــون پٿر جو ڪوئلو آهين يا اُپنشدن جي ٻرهم گيان کي اهو چئي نندهو وڃي ته اهو پونن جي ڌرمان تي پڌا ٿيو آهي- ته انهن کي سندن اصلوڪيءَ قيمت کان وانجهي نٿو سگهجي. اگـــر اسين اهو جـــاڻڻ چاهيون ته اها حيوانيت کهڙيءَ ريت انوکي ۽ جديد ٻريم ۽ سنيهه جي روپ ۾ ظاهر ٿي آهي، کهڙيءَ ريت مرد جي من مستي ۽ حوس ذريعي مايل نـــاريءَ جي قيمت اڳتي هلي جذباتي ماڻهن جي هردي ۾ ديوتا جهڙيءَ اهميت سان گڏ وڃي هڪ آسڻ تي ويٺي آهي؛ گڏوگڏ اهو فيصل ڪرڻ لاءِ ته اها لائق جڳهه آهي يا نه، اسانکي همت رکي شروع کان ٿي غور ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي.

صرف ٻلوان ٿي شرابڪ ٻل جي گهمنڊ تي اهو چئي سگهندا ته اسين اڪيرن پوري جيڪي زبان تي آڻندو

سنتان جي پالڻ ۽ حفاظت جو بار صرف ماءُ مٿان اچي پوندو آهي. شينهن مهاراجا اولاد جي ڪابه جوابداري پنهنجي مٿان نه کڻندو آهي پر موقعو ملندي ان جي خاتمي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڦرندو رهندو آهي. باندرن ۽ گوريلن ۾ به ان قسم جو رواج ڏسڻ ۾ ايندو. ان مان فائدو اهو آهي جو اهي ڏاڍيون لباهيءَ طرف وڌنديون رهنديون آهن. اگر ڪين ان قسم جي سهوليت نه ملي ها ۽ گهاٽن ٻيلن ۾ سنسان پهاڙن جي غفائن ۾ انهن جي اولاد کي اجهو نه ملي ها ته شايد اهڙن جانورن جو روءِ زمين تي نالو نشان به نه هجي ها. سڀ ڪجهه گهڻو اڳ، ختم ٿي وڃي ها.

ان واقعي تي ٻارڪ سوچڻ سان هڪ عجيب ويچار ظاهر ٿئي ٿو. هي جانور پنهنجي ڪٽنب وڌائڻ ۽ قدرتي ترشنا ۽ اڻ لڀ جي وس ٿي لڙي پوندا آهن ۽ پراڻ ڏيندا آهن پر گڏو گڏ ان جي آخرين ڪامنائيءَ ڏانهن ڪڏهن هڪوار مڙي به نه نهاريندا آهن. عورت جي چرڻن ۾ پاڻ قربان ڪرڻ لاءِ ڪوبه جانور پراڻ نٿو ڏئي پر پنهنجي اسهيه ترشنائن کي شانت ڪرڻ لاءِ ٿي جان جي بازي لڳائي ٿو. انڪري هتي اگر ڪا اهميت آهي ته اها هنجي سڀاو جي آهي نه ڪ ناريءَ جي. انهن ٻنهي ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي انساني تواريخ ۾ بيان ٿيل اهڙن حيراني ڪارنامن کي امر پيار سڏي ۽

ته - ”...... هن قوم وارا پنهنجي مائٽ، سڳيءَ ماتا کي به سڌوي سمجهندا آهن ۽ ڪيس پنهنجي پڻي ٻيءَ وٽان زبردستيءَ ڪڍي ايندا آهـــن ۽ ساڻس شادي ڪندا آهن.“

انهن ماڻهن بابت هربرٽ سپينسر پنهنجي ڪتاب Descriptive Sociology ۾ جيڪي حقيقتون ڪٺيون ڪيون آهن، انهن ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿائين- ”...ڇپرائن ذات ۾ اگر ڪوئي پتي پنهنجي پتنيءَ کي طلاق ڏيڻ چاهيندو آهي، تڏهن هو ڪيس خوب ماري ڪٽي گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو آهي. اس طلاق لاءِ ڪيس ان کان سواءِ ڪجهه به نه ڪرڻو پوندو آهي.“ آسٽريليا جي آدم نواسين لاءِ چيو ويو آهي ته - ”... عورت لي حق حاصل ڪرڻ لاءِ هو پاڻ ۾ لڙندا هئا.“

’ٻگو‘ جاتيءَ لاءِ چيو ويـــو آهي ته هو پنهنجي عورتن کان جانورن جو ڪم وٺندا آهن.

’مٽر‘ جاتيءَ جو هر هڪ مرد پنهنجي جيون ۾ چاليهه پنجاه دفعا وواهه ڪندو آهي. انهن اڻ سڌريل ماڻهن ۾ عورت کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻه ۽ جهنگلي جانورن جهڙو قدرتي سڀاءُ ۽ انڪي نياڳُ ڪرڻ جـو رواج به نيڪ ان طرح آهي. وٽن ناريءَ جـو مله هڪ ڪاري ڪوڏي به ڪونهي. سڌن عورتون به نيڪ ان طرح جون هونديون آهن. جيئن ڪي پتي جهنگ ۾ پالي لڳڻ

اهو چوندا سين، جهڙا وڏندا اهڙا شاستر ناهيندا سين ؛ پنهنجي مرضيءَ موجب قيمت ڏيندا سين. پر سچ ۽ انصاف جي آڌار تي انهن اٿو ڪري سگهجي. ڪنڊ جو ته هڪ قدرتي نيم ٺهيل آهي ۽ اهو نيم قدرت جي مول نيم جي زير هوندو آهي. هٿرادو ذريعا استعمال ڪرڻ سان نتيجو سٺو اٿو نڪري. 'سين' راڄا جي نٽاڻ بناوٽي طريقن سان اوچ بنگالي برهمڻن جي اهميت وڌي نه وڃي. پيروءَ جي 'انڪان' پاڪي زبردستيءَ اوچ ته ثابت ڪيو پر نباهيءَ ڪان بچي نه سگهيا. هي هڪ اهڙو سچ آهي جنهنڪي اگر ڪو به شخص پنهنجي آلس، اڳيان يا ڪرڙي اهنڪار سبب نا قبول ڪندو ته گروه جي دائري مان نڪل اپ گره جهان ڏسري ڏيري خاطي ڏالهن وڌندو ويندو. سنسار جي جهنگلي قومن جي رهت رواج کي خيال ۾ رکي ان سچ جي تصديق ٿي سگهي ٿي.

آڳاٽين جاتين ۾ ناري

آمريڪا جي آسٽريلي 'چپوان' جاتيءَ لاءِ 'هربرٽ سپينسر' لکي ٿو ته- "...... جنهن عورت ڏانهن مرد جو پريم هوندو هو، ان لاءِ هو ڪشتي لڙندا هئا".

واه! انهن لاءِ هارون صاحب سؤ سال اڳ، پنهنجي 'انڊ وڏي سمنڊ' نالي ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي

’فجراءِ‘ ’همبولت‘ ۽ ’ولڪيس‘ جهڙن انيڪ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ هو ڪين ڪهي ڪاٽي ڇڏيندا آهن. انکي نہ اسين ڪو تمام خراب بدوبست چئي نٿا سگهون.

انڪاڻپوءِ جي حالت ۾ استريءَ جي ڳٽپ ملڪيت جهڙي ٿئي ٿي. هربرٽ سپينسر پنهنجي Principles of Socialogy ’سماج شاستر جو سدانت‘ نالي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ ...... ’هڪ ’چپوائن‘ سردار هڪ ڏٺي ’هارن‘ کي چيو تہ عورت محنت ڪرڻ لاءِ ٺاهي وئي آهي. هڪ عورت اٺترو تہ بار کڻي سگهندي آهي جيترو بہ مرد.‘

ان ڪتاب ۾ هڪ هنڌ ’ٽرو‘ صاحب جي Interior of South Africa نالي ڪتاب جو حوالو ڏنل آهي تہ ’......هڪ ڪافر مونکي چيو تہ عورت پنهنجي خاوند جو ڍور آهي ۽ اها خريد ڪري سگهجي ٿي ۽ سندس فرض آهي محنت ڪرڻ.‘

سونر صاحب لکيو آهي تہ — ’جيڪو ڪافر پنهنجي عورت کي ماري ڇڏي تـــو، اهو ائين چئي پنهنجو بچاءُ ڪري ٿو تہ مون ڪيس دائمي طور خريد ڪيو هو.‘

انهن ڳالهين مان ڪجھ معمولي ترقي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اڻ سيپہ ’مهجي‘ جاتيءَ بابت ان باري ۾ چيو ويو آهي تہ — ’... جڏهن ڪنهن مهجيءَ عورت جو مڙس مري ويندو آهي تڏهن اگر انجي مڙس جو ڀيءُ پتنديءَ

سبب زمين تي ڪرندو آهي، تنهن ٿي پورٽا استري پنهنجو سمورو سومان سر تي کڻي ڪنندڙ جي پٺ ونندي آهي! هتي جهنگلي جانورن جيان نر- ناريءَ جو ڪو خاص تعلق ئي ڪونهي، نه ئي ڪنهن وٽ هڪ ٻئي لاءِ خاص اهميت آهي.

’ادالڪ‘ جي پٽ ’شو ٻتڪيتو‘ جڏهن پنهنجي ماتا کي اڻ ڄاتل برهمڻ هٿان زبردستيءَ کڻندو ڏٺو، تڏهن پنهنجي پيءُ کان پڇيو هو ته ”هي منهنجي ماءُ کي ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي؟“ — پٽس چپ هو. اها ئي سماج جي حالت آهي! هن حالت ۾ استري، پرش جي ملڪيت هوندي آهي. پرش جيسين طاقت جي زور تي کيس پنهنجي قبضي ۾ رکي سگهندو آهي، رکندو آهي. جڏهن دل ڪٽي ٿيندي اٿس تڏهن کيس تياڳ ڪندو آهي. مطلب اهو ته ’هيڏانهن جيڏانهن وٺيتي رچ ۽ کاءِ پيءُ‘.

ان ڪانپوءِ جي حالت ’پلنيشيا‘ ۽ ’نيو ڪئليڊونيا‘ ۽ فيجي ٻيٽن جي اڻ سڌريل قومن ۾ نمايان آهي. عورت کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو پاڻ ۾ لڙائي ڪندا آهن ۽ جيڪا استري کين پسند هوندي آهي، جان جو کي ۾ وجهي کيس گهر وٺي ويندا آهن. ليڪن جڏهن سندن دل ڀاڙ مان کٽي تي ويندي آهي تڏهن هو عورت کي گهر کان ٻاهر اوڏي نه ڪڍندا آهن ٻلڪ

اهو ساڻس شادي ڪندو هو.'

مطلب اهو ٿي هو ته ملڪيت ڪڏهن به ريت هٿان مان نه ڪسڪي. دنيا جي ٻوڙائي جاتين سان ان ڇوڪريءَ جو هڪ هڪ اکر لڳائي سگهجي ٿو.

اسين History of Woman Sufferage (استرين جي پيڙائن جي تواريخ) نالي ڪتاب جا ڪجهه جملا درج ڪري اهو ڏيکارڻ ٿا چاهيون ته آمريڪا جي ماسٽن جهڙيءَ جڳهه تي به سنه ١٨٥٠ عيسويءَ تائين ناريءَ جي ڪهڙي عزت هئي. ان گرنٿ ۾ اهو چيو ويو آهي ته ــ وواهه ٿيڻ کان اڳ ئي عورت پنهنجي سموري ملڪيت پنهنجي پاوي پتيءَ کي ڏيندي هئي ۽ ان هوندي به ــ '...... هوءَ ڪا شخصيت نه ليکبي هئي. ڪيس ڳرڪ نه سمجهيو ويندو هو. گهر جي نوڪر دان ڏور ورڪ سندس درجو هو. انگريزي عوامي قانون مطابق سندس پتي ئي سندس مالڪ ۽ خدا هو. هو ڪيس لڪڻ سان ماري سگهندو هو. 'ميسيچيئٽس' نالي راڄ جي عوامي قانون مطابق پتي ۽ پتني ٻئي هڪ ئي شخص ليکيا ويندا هئا پر اهو شخص پتي ئي هوندو هو. استريءَ کي ڪو شخصي حق ڪونه هو ۽ هوءَ پنهنجي آتما کي به مشڪل سان پنهنجو سڏي سگهندي هئي....'

دل ۾ هڪ سوال اڀري ٿو ته سنسار جي آدم ذات

مان پيدا ٿيل پٽ نه هجي، تڏهن هوءَ خود پنهنجي مال جي مالڪ ٿيڻي پوندي آهي. پر جيڪڏهن ٻيءَ استريءَ مان پيدا ٿيل جوان پٽ هجن، ان حالت ۾ هوءَ سڀني چوڪرن جي هڪ جهڙي 'رکاس' ٿيڻي پوندي آهي. جڻ نه هوءَ ان زمين جائداد جيان ڪا ملڪيت آهي جنهن تي سڀني حصيدارن جو هڪ جهڙو حق هوندو آهي.'

سنسار جي گهڻن ئي هنڌن تي استرين جي اها حالت آهي.

عيسائن جي پراچين ڌرمي پستڪن Old Testaments ۾ ليويءَ جي چيئن جو پنهنجي وڌوا ڌيئن کي پٽن وٽ وڪڻڻ جو بيان آهي ۽ انهي هنڌن هي شاسترن ۾ لکيل آهي ته اگر ڪنيا جو پتا پنهنجي ڪنيا جي بدلي حاصل ڪيل قيمت واپس ڪرڻ ۾ سمرٿ نه هجي ته هندوءَ جي وڌوا ڌيئن تي ساهرن جو پورو حق رهندو. ان طرح جا سڀ جوڙجڪ ملڪيت وادي آهن. 'ويرا پاز' جي آدم نواسين جي باري ۾ انهن لکيو آهي ته — '...... مري ويل شخص جو ڀاءُ پنهنجي وڌوا ڀاڄائيءَ کي ترت ئي پنهنجي پتني ٺاهي سگهندو هو. پوءِ چاهي هو اڳ ۾ ئي شادي ڪيل ڇو نه هجي. اگر هو ڪيس پتنيءَ جي روپ ۾ گرهڻ نه ڪندو ته هو ته ڪنهن ٻئي ويجهي رشتيدار جو ان تي حق هوندو هو ۽

ٿينديون آهن تڏهن پنهنجن مڙسن کي گهر مان ڪڍي ڇڏينديون آهن. 'نڪا راڳا' ۽ 'ناهتي' قوم جون عورتون پنهنجن مڙسن کي گهر مان ڪڍي ٻين سان شادي ڪنديون آهن. جڏهن 'اپاچ' ذات جا لوڪ لڙائيءَ ۾ هارائي موٽندا آهن، تڏهن انهن جون عورتون پنهنجن مڙسن کي گهرن ۾ گهڙڻ جي اجازت نه ڏينديون آهن. 'ڊائيڪ' جاتيءَ جا جوان ۽ اوميزان جا 'وياڊا' لوڪ جنگ ۾ ويرتا نه ڏيکاري سگهندا آهن ته شادي به نه ڪري سگهندا آهن. آدم خور 'ڪارب' جاتيءَ جا لوڪ مردن کي ته ماري کائي سگهندا آهن پر استرين جو ماس هو نه کائيندا آهن. عرب ملڪن جا شيخ اگر عورتن جي سامهون ٻهي تيز ڇهبڪن جو حملو کلندي کلندي نه سهي سگهندا آهن ته هو جوانڙان جي دل تي حق به نه جمائي سگهندا آهن. ٻين به گهڻن ئي جاتين مثال طور سوماٽرا ٻيٽ جي ٻاٽا پرديش ۾، آفريڪا جي گولڊ ڪوسٽ ۾، آمريڪا جي پيرو ديس جي اڻ سڌريل جاتين ۾ اساڻجي ديس جي 'ٽوڊا' لوڪن ۾ به ملڪيت جو سمورو ٻار عورتن تي هوندو آهي.

ناري - هڪ ملڪيت

اهو سڀ هوندي به هزارن مثال ڏيئي ثابت ڪري سگهجي ٿو ته نارين کي سدا پيڙائون سهڻيون پيئيون

۾ سبب ڪان ٻهران استري ذات تي ڪهڙي ۽ حالت ۾ ظلم ٿيندا هلندا ٿيا؟ جڏهن وقت انسان جانور جيان هو، ان وقت يا جڏهن هر ڪائي سٺري چڪو هو؟ ان ناري ۾ ڪو، ماهر ٺيڪ طرح سان ٺٽو چئي سگهي. انجو سبب اهـــو آهي ته اوچي جاتي ۽ ليچي جاتي ۾ نر ۽ ناري جو رشتو اهڙو ته ونڊيڪ گهڙهو ۽ راز ڀريو آهي جو ٻاهريان ماڻهون ٻاهران ڪي ٺيڪ طرح ڪجهه به نٽا چئي سگهن.

'ليولو' جڏهن وقت ان ڳالهه جو پرچار ڪيو هو ته سڀ اڻ سڌريل ناري ۽ ذات کي اهڙا ته عذاب ڏيندا آهن، جن ڪان ونڊيڪ عذاب ٿي نٽا سگهن. ان وقت هن اها ڳالهه پنهنجي اندازي موجب چئي هئي ۽ گهڻن ماڻهن سندس ڳالهه تي وشواس به ڪيو هو. ليڪن اڄ گهڻا ودوان ان باري ۾ اڻچاڻ ٿڃي رهيا آهن ۽ ان ڳالهه تان سندن وشواس گهٽجي رهيو آهي.

هيڊن 'Haddon' صاحب پنهنجي Hed Hunters ناليءِ گرنٿ ۾ خاص زور ڏيندي چيو آهي ته — '... انهن جون عورتن نه ٿي ڪريل هونديون آهن ۽ نه ٿي انهن جو غلط استعمال ٿيندو آهي..' اها ڳالهه ۽ وشواس جوڳي نه آهي جيئنته ٽيڪ ڪن اڻ سڌريل جاتين ۾ اهڙا مثال ملن ٿا، جيڪي ان ڳالهه جي پٺڀرائي ڪن ٿا. مثال طور پارٽ جي 'ڪسيا' جاتي ۽ جون عورتون جڏهن ناراض

رواج آهي ته ناري خود پنهنجو پتي چونڊيندي آهي ۽ شاديءَ جي رسم ۾ هوءَ پيش ڪندي آهي. مرد استريءَ کي اهڙي رسم نٿو ڏيئي سگهي. ان رواج عورتن جي حالت کي خوب سڌاريو آهي.' جيتوڻيڪ اهو رواج ٻاهران ڏسڻ ۾ پڌرو ڪجهه به نٿو لڳي پر تڏهن به انهي خلاف گهڻو ڪجهه چئي سگهجي ٿو. ٻهراڻ ڳالهه ته اهائي آهي ته هو جو پنهنجو پتي پاڻ چونڊينديون آهن، انهن کي ڪو خاص فائدو نٿو ٿئي. جن ماڻهن ۾ پتي - پتنيءَ پريم جو احساس ئي ڪونهي ۽ جيڪي ڳالهه ڳالهه تان استريءَ جو خون ڪري ڇڏيندا آهن، انهن جي استرين جي هٿن ۾ اگر هيءَ ذري قابليت هوندي به تڏهن به اسين نٿا سمجهون ته ان مان ڪو خاص فائدو ٿيندو.

'ونووڊ ريڊ' صاحب چوي ٿو ته آفريڪا جي ڪانگو ۽ اگنبا پرديش ۾ نارين جي ڏاڍي مان مريادا آهي. حقيقت ۾ انهن ملڪن ۾ عورتون راڻيون به بڻجي وينديون آهن. ڪپتان 'سپيڪ' پنهنجي 'Discovery of the Source of Nile' نالي گرنٿ ۾ لکيو آهي ته ڪانگو ۽ اگنبا جا 'ٻاهما' جاتي جا مهاپرش ڳالهه ڳالهه تان يا ڪنهن ڏوهه جي استريءَ جو قتل ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ان قسم جي واقعات جا چتر پنهنجي هٿن سان گرنٿن ۾ چٽي ويا آهن.

آهن. هڪ عورت جو چار چار ۽ پنج پنج دفعا به ورهاڱو ٿيندو هو ۽ انڪري اهو فيصلو ڪرڻ جو ڪو به رستو نه هوندو هو ته هڪ ئي گروپ مان پيدا ٿيل سنتان ڪهڙي ونش جي آهي. ان سبب ڪري پُرش جي مرڻ وقت ٿي سندس ملڪيت انهيءَ عورت جي سنتان کي نه ملندي هئي بلڪ سندس ڀيڻ کي ملندي هئي.

اها ڳالهه ڪونهي ته سندس ڀيڻ جو ورهاڱو نه ٿيندو هو. هزار بار ورهاڱو ٿيڻ تي به هو بنا شڪ ڄاڻندا هئا ته گهٽ ۾ گهٽ هيءَ اسانجي ئي ونش مان آهي ۽ هڪ ئي گروپ مان جا سنتان ٿيندي اها گهٽ قدر اسان جي ئي خاندان جي هوندي. انڪري ملڪيت ڀاڻيجي کي ملندي هئي، نه پٽ کي. ملڪيت ڇاهي ڪنهن کي به ملي پر وارث مقرر ڪندا هئا مرد. ناريءَ جو ان ۾ ڪوبه هٿ ڪونه هوندو هو.

انساني عقل سان ان طرح ڀلائيءَ ۽ برائيءَ جو فيصلو نٿو ڪري سگهجي ته ٻڪريءَ جو ڳلو ڪاٽي ڪان ڪٽيو وڃي يا ساڄي ڪان.

ڪرالي 'Crawely' واڄهڙائيءَ ۾ پنهنجي Mystic Rose نالي ڪتاب ۾ استرين جي سڌريل حالت جو بيان ڪندي 'پاڻن' لوڪن جو مثال ڏنو آهي ته — '... جيتوڻيڪ ان ناري ۾ هـو اهڙيءَ ريت بدنام آهن ته استرين کي بيحد ڪشت ڏيندا آهن، تڏهن به انهن ۾

آهي. 'سنٽيرو' ڇيو آهي ته —

'... حبشي لوڪ ٻارن، سڀ کان اڳرا جو نالو ۽ ننڍا ڄاڻن. انهن جي ٻوليءَ ۾ سڀ کا ٻارن جو اشارو ڏيندڙ ڪو به اکر ڪونهي.'

سرجان لبڪ ان ئي ملڪ جي 'هٽينٽٽ' لوڪن جي ٻاري ۾ ڇيو آهي — '... هو هڪ ٻئي کان ابترو ۽ اداسي ۾ ٻرموهي رهندا هئا جو انهن کي ڏسي ٻرهين اهوئي سمجهندا ته وٽن ٻارن جهڙي ڪا به چيز ڪونهي'. ڪافرن بابت ڇيو ويو آهي ته سندن وواه ۾ ٻارن جي ڪا ڀاونا ئي نه هوندي آهي ۽ 'جارب' لوڪن جي ٻاري ۾ ڇيو ويو آهي ته انهن ۾ ٻئيءَ ۽ ٻئيءَ جي وچ ۾ سنبڌ جو نه ڪٿي ڪو ذڪر ئي نه ٿيندو آهي.

ان هوندي به اهڙين ڪرلهي ته انهن جي ٻارن جي ٻئي ٻارن يا سوامي سيوا جا مثال نه ملندا آهن. ٿي سگهي ٿو ته مردن جي زبردستيءَ سبب ئي ٻيڊ نئر 'ٻاهومان'، 'مالگامي'، 'فجيئن'، 'چيپا' ۽ 'ٻپوٽا' وغيره جاتين جي گهرن ۾ ٻوليا استريون نظر ايندڙيون.

اسين اها ڳالهه ٻڌان ٿي ٻڌائي چڪا آهيون ته 'ٻاهومي' ۽ 'فيجي' ٻيٽن ۾ مڙس جي موت بعد وڌوائون آپگهات ڪري ڇڏينديون آهن. آفريڪا جي

ڪپتان سپيڪ اهو به لکيو آهي ته جڏهن وقت عورتن جي هٿن ۾ رسي ٻڌي کين قتل گاهه ڏانهن نيندا آهن، ان وقت عورتون واڪا ڪنديون آهن. انهن جو روئڻ ٻڌي وڏن وڏن پشاچن کي به جيڪر رحم اچي وڃي پر ان ملڪ جا مرد ان روئڻ پٽڻ تي ڪو به ڌيان نه ڏيندا آهن. جڏهن ڪپتان سپيڪ جي تنبوءَ ۾، پاسي واري رستي تان، رکي رکي واڪا ۽ روڄ ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو — "هي مانگي، هي ٻاڪا" (هي مهنجا سوامي ... مهنجا راڄا). تڏهن انهن جا سوامي مڙي ۾ مسڪرائي رهيا هئا.

ان ديش جي راجا 'ڪميري' جي موت بعد جن واقعن جو ڪپتان سپيڪ اکين ڏٺو بيان ڪيو آهي، انکي پڙهي لڳي ٿو ته ٻارن جي نظرن ۾ مٽيءَ جي راندڪي جو جيڪر ملهه هوندو آهي، اتان جي مردن کي استرين لاءِ ايترو به قدر ڪونه هو.

هڪ هنڌ لکيو اٿس ته نئين راجا سوڳواسي پتا جي سڀني ڪنيائن سان شادي ڪري ڇڏي ۽ انهي ستن ڏينهن بعد ٺيڪ طرح 'ڊانگگ' يا سلامي نه ڏيڻ جي ڏوهه ۾ انهن مان ٽن کي جيئري جلائي ڇڏيو.

گهڻيئي سفير ڌرتيءَ جي اوائلي ماڻهن بابت لکي ويا آهن ته اڪثر اڻ سڌريل قومون اها ڳالهه نٿيون ڄاڻن ته پتي پتنيءَ جي وچ ۾ پريم نالي ڪا چيز ٿيندي

ناري جيڪو مُلهه حاصل ڪندي آهي، ٿي سگهي ٿو ته اهو ان ملڪ ۾ سڄو مُلهه هجي. ان ڪري ان ڳالهه جي آلوچنا ڪرڻ لازمي آهي. اها آلوچنا ڪرڻ وقت سڀ کان پهرين نر ۽ ناريءَ جي رشتي بابت سوچڻو پوندو. نر ۽ ناريءَ ۾ خاص طور چار رشتا آهن — پتني، ڀيڻ، ڌيءُ ۽ ماءُ.

رشتا

جان. ايف. مليمن پنهنجي 'اوائلي زماني ۾ شادي' (Primitive Marriage) نالي گرنٿ ۾ اهو ٻڌايو آهي ته اوائلي زماني جا ماڻهو ڪهڙيءَ ريت پتني حاصل ڪندا هئا. جو سٻر هوندو هو ڏٻري کان عورت کسي وٺندو هو ۽ جڏهن سندس شوق پورو ٿي ويندو هو تڏهن کيس ڪڍي ڇڏيندو هو. پنهنجي شوق ۽ استري پائڻ جي لاڀ ۾ هو ڪنهن به ڳالهه لئي نه سوچيندو هو ۽ ڪوئي به رشتو هن لاءِ رنڊڪ نه هوندو هو.

'مليمن' هڪ هنڌ چيو آهي — '......اوس ٿي اوائلي دور ۾ شاديءَ وقت پرش ڪنهن به رشتي ناتي جو خيال نه رکندو هو.' سندس چوڻ بلڪل درست آهي. انهن ڏينهن ۾ بنيادي سوجهي Primitive instinct نالي ڪا به چيز ڪونه هئي.

'ممدان' قوم جون ودوائون پنهنجن مڙسن جون کوپڙيون ڪٽيون ڪري انهن جي مالها ٺاهي ڳلي ۾ پائينديون آهن. انکي سدان ڪرائينديون آهن. پوڄا لڳائينديون آهن. سرديءَ جي ڏينهن ۾ انکي ڪمبل هيٺان دٻائي رکنديون آهن. ڪيس لولي ڏيئي سمهاريندريون به آهن.

مرد پنهنجي جيئري انهن تي ڪهڙا نه ظلم نا ڪن. ليڪن اسين اهو نٿا چئون ته سڀئي هندو پرش اتياچار ڪندو آهي ۽ ناري انجي موت ۾ پريم ۽ سيوا ڪندي آهي. اگر اسين اهو چئون ته اهو انساني سڀاوءَ جي خلاف ٿيندو. ليڪن ها، اگر ڪٿي ڪٺور اتياچار ۽ لاپرواهي، جي بدلي ۾ به سيوا ۽ پريم ٿي سگهي ٿو ته اهو استرين ۾ ئي ملندو ۽ اگر انجا مثال ڳولهيا وڃن ته خوب ملندا، اڄ ستريئن ۾ به.

انجو مطلب اهو آهي ته ڪهڙن به ملڪ ۾ مردن ناريءَ جو ملهه نه ڄاتو آهي ۽ هو سدا نارين کي انيڪ طريقن سان عذاب ڏيندا رهيا آهن. هنن نارين تي ظلم ڪيا آهن ۽ ان ڳالهه کان نابري وارتا جي ڪابه واهه ڪرڻي. ناريءَ کي هميشه حقيقي ملهه کان محروم رکيو ويو آهي، انکي هرڪو قبول ڪندو. جيسين ناريءَ جو سچو ملهه نه ڪٿيو وڃي، تيسين اهو نٿو چئي سگهجي ته هن پنهنجو سچو ملهه پاتو آهي يا نه.

پرش اها ڳالهه به چئي سگهي ٿو ته جڏهن ملڪ ۾

سمجھندا آھن. ان حالت ۾ ھو پنھنجي سماج ۾ اوچ ۽ عزتدار سمجھيا ويندا آھن. پنھنجي مائٽيءَ پڻ ۽ وڏوا پاڄائيءَ سان وواه ڪرڻ جو رواج تہ سڀني ملڪن ۾ آھي. انھن مان ڪير بہ، صرف اڻ سڃاڻ 'پيدا' لوڪن کي ڇڏي، فقط ھڪ استري پاڻي ترڀت نہ ٿيندو آھي. سڀيئي ھڪ کان وڌيڪ شاديون ڪندا آھن يعني پنھنجي گھر جي ڀيڻ کي نہ ڏيندا آھن ۽ ڀيڻ جون بہ ڪسي ايندا آھن.

سڀني ملڪن ۽ جاتين سان اھي ڳالھيون لاڳو ٿين ٿيون. فرق صرف اھو آھي جو ڪٿي اڃان بہ اھي رواج جاري آھن ۽ ڪٿي بند ٿي ويا آھن. اسانجي ملڪ ۾ وڏو ڀاءُ پنھنجي ننڍڙي ڀاءُ جي استريءَ جي ڇايا بہ ڇھي نٿو سگھي، پر ھن ملڪ جي زمين تي پنجن پانڊون ھڪ دروپديءَ سان شادي ڪئي ھئي. ذھن جي پردي تي ڌنڌلي ياد ٿي اچي تہ سٽن ڏيرگ_آتما رشين، جي ڀاڻم ڀاٿر ھئا، ھڪ ئي استريءَ کي ساڻ ڪري رشي ياترا پوري ڪئي ھئي ۽ انکي مھاڀارت جي شروعاتي حصي ۾ سناتني رواج ڪري سڏيو ويو آھي. انکانسواءِ جنھنکي اڻ سڌريل جاتين جو Marriage by capture يعني ڪنھن بہ عورت کي زبردستيءَ کڻي انسان وواه ڪرڻ سڏيو ويندو آھي، ان رواج جو بہ ھن سڄي ڀارت ۾ ڪافي گھڻو واھپو ھو ۽ انجي مثال

اها ڳالهه ڪونهي ته صرف اڻ سڌريل انسان ئي شاديءَ وقت ماءُ، پيءُ ۽ ڌيءَ وغيره جو خيال نه ڪندو هو پر نيم سڌريلن ۽ سڌريلن ۾ به انجا انيڪ مثال ملندا. ورثي بابت جن به ڪجهه آلوچنا ڪئي آهي، اهي نيڪ طرح ڄاڻن ٿا ته بيحد سڌريل سماجن ۾ به رکي رکي انيڪ جهڳڙي ۽ گهٽ ڪلڪ جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن. اهي سڀ اوائلي اڻ سڌريل انسان جا ڪيل آهن.

اسان اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي ته اڻ سڌريل 'ڇپون لوڪ' پنهنجي ماتا سان به وواه ڪري ڇڏيندا هئا.

آفريڪا جي 'گيبون' پرديش جي راڻيءَ جي باري ۾ ڪجهه وقت اڳ جي ڳالهه آهي ته جڏهن سندس پتيءَ جو موت ٿيو هو، تڏهن هن پنهنجي پٽ سان شادي ڪري سنگهاسن تي پنهنجو حق قائم رکيو هو. سڌريل پراچين مصر جا 'فرعو' (راجائون) پنهنجيءَ سڳيءَ ڀيڻ سان شادي ڪندا هئا. پيرو پرڳڻي جي 'روڪا انڪا' جي ڇهين ۽ ستين وارث پنهنجي ونس قائم رکڻ لاءِ پنهنجي ٻنهين نمبر پٽ جي پنهنجي سڀ کان ننڍيءَ ڌيءَ سان شادي ڪرائي ڪيس سنگهاسن تي ويهاريو هو. 'وسشت' رشيءَ پنهنجي ڀيڻ اروڌتيءَ سان شادي رچائي هئي. لنڪا پٽ جا اڻ سڀيه پيدا لوڪ پنهنجي ننڍيءَ ڀيڻ سان شادي ڪرڻ سڀ کان وڏي فخر جي ڳالهه.

خود پنهنجي زندگي خطري ۾ وجهي ان ظلمي ڪارنامي کي ناڪامياب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪنهن نموني ان عورت جي جان بچائي.'

ان باري ۾ جيڪڏهن سيني ملڪن جا مثال ڏيڻ شروع ڪريون ته پوءِ هي ڪتاب ختم ئي نه ٿيندو. انگريز اسين 'سپيڪ' جو هڪ مثال ڏئي هي باب پورو ڪندا سين. هو چوي آهي ته — '...... آفريڪا جي ان بري حالت جو مکيه ڪارڻ آهي مردن جي من مستي. هتي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي موت تي جنگ لڳائي؟ رتوچاڻ اڻ ٽر ئي پوندي آهي. اگر اهو فيصلو ڪرڻو هجي ته ڪير ڪنهنجو مالڪ ٿيندو ۽ ڪوني يا ڪنهنجي ملڪيت تي ڪنهنجو حق ڪوني ته الله بدني طاقت ۽ پالي جي ماهريت جي سهاري وٺڻ ڪانسواءِ چارهو ڪوني...'

هڪ ڳالهه ٻي به آهي. ڪپتان 'سپيڪ' هڪ دفعي پنهنجي 'بامبي' جاتيءَ جي حبشي نوڪر جي واتان اهو به ٻڌو ته هو انساني گوشت کائيندو آهي ۽ کيس ڏاڍو سوادي لڳندو آهي، تڏهن ڪپتان صاحب کانئس دريافت ڪيو ته — "ڇا توهين ماڻهن کي ماري انهن کي کائي ويندا آهيو؟"

هن وراڻيو — "نه، اسين پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي نه ماريندا آهيون پر آس پاس جي ڳوٺن مان خريد

جي ۽ گوشت ڪونهي.

سنه ۱۹۷۰ عيسوي تائين انبيسينيا ۾ اهو رواج جاري هو ته جڏهن اتان جي ماڻهن کي موت جي سزا ملندي هئي تڏهن اهي پنهنجي سر جي بدلي ۾ پنهنجي جوان ڪنيا يا عورت ڏيئي ڇڏيندا هئا ۽ اها قيمتي سوکڙي، اتان جو سردار ان ڏينهن بعد جنهنکي چاهيندو هو ڏيئي ڇڏيندو هو. ڪپتان 'سپيڪ' ان ملڪ جي راجا جي باري ۾ هڪ ڏينهن جي گهٽنا جو هن ريت بيان ڪيو ويو آهي: '... راجا ۽ انجون سڀ راڻيون وڻن ۽ ٻوٽن جي وچمان هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيا هئا، ميوا چني خوب شغل ڪري رهيا هئا. بدنصيبا راجا جي هڪ راڻيءَ، جا بيحد حسين هئي ۽ سڀ کان سهڻي راڻين ۾ سندر هئي، هڪ ڦل ڇني راجا کي ڏيڻ چاهيو، پڪ ٿي پڪ سندس اندازو هو ته راجا خوش ٿيندو. ليڪن راجا، پاڳل جيان، آپي کان ٻاهر نڪري اٿي کڙو ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هي پهريون ئي موقعو آهي جو ڪنهن عورت ڪيس ڪا چيز سوکڙي ڏيڻ جي گستاخي ڪئي آهي؛ ان ڪري هن پنهنجن نوڪرن کي حڪم ڏنو ته ان راڻيءَ کي پڪڙي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي....'

ڳالهه جو سلسلو جاري رکندي ڪپتان سپيڪ جو بيان آهي ته — '.... منهنجي انگريزي خون لاءِ اها ڳالهه برداشت ڪرڻ بيحد مشڪل هئي. ان ڪري مون

'فرانسزبدي' رپورٽ ڪٺي هئي تہ — '... ڪافي ڳولهڻ بعد بہ اهڙن علائقن ۾ اهڙي ماتا نہ ملندي جنهن جا هڪ ٻئي پٺيان ٽي ٻار ڄاڻا هجن.'

آمريڪا جي 'ڪچل' جاتيءَ جي جڏهن اولاد بيمار ٿيندي آهي تڏهن هو کين جهنگل ۾ اڇلائي ايندا آهن. 'هربرٽ سپينسر' حوالي ۾ 'انگاس' جي هڪ ڪتاب 'آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ جي جهنگلي جيون ۽ منظر' جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ — '... انگاس صاحب جي ان ڳالهہ تي وشواس ڪرڻ تي دل نٿي ٿئي تہ، سچ پچ آسٽريليا جي اڻ سڌريل قومن جا ماڻهو پنهنجن ڄمندڙ ٻارن ۽ ڏيڍن کي مانگر مڇ وغيرہ پڪڙڻ لاءِ ڪنڍيءَ جي نوڪ تي کاج بجاءِ لڳائيندا هئا ۽ انهن جي چرٻيءَ سان مڇيون ڦاسائيندا هئا.' ليڪن ان ڳالهہ تي بي اعتباري ڪرڻ جو ڪو سبب ڪونهي. ڪوچ ڪرڻ سان پتو پوي ٿو تہ جنهن بہ ديش يا جاتيءَ ۾ ناريءَ جو پد بلڪل گهٽجي ويندو آهي، اتي ان سان گڏوگڏ ٻارن جي اهميت بہ گهٽجي ويندي آهي. اها ڳالهہ صرف گهٽ درجي جي طبقي سان واسطو نٿي رکي بلڪ وڌيڪ سڌريل طبقي ڏانهن نظر ڊوڙائڻ سان پتو لڳو ٿو تہ جتي استري نفرت جي چيز آهي اتي ٻار بہ نفرت ۽ لاپرواهيءَ جي چيز ليکجي پوندا آهن. مثال ڏيئي ان ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ آهي هٿ ڪنگڻ کي آرسي

ڪري ايندا آهيون."

"آخر ان جو مطلب؟"، ڪپتان پڇيو.

"جن ٻارن جو پيءُ نه هوندو آهي. انهن کي کائڻ لاءِ ٻوڙو نه ملندو آهي؛ انڪري هو بيمار ٿي پوندا آهن. انهن جي ماءُ هڪ ٻڪريءَ عيوض کين اسانجي حوالي ڪندي آهي؛ اسين انکي گهر آڻي ماري کائي ڇڏيندا آهيون."

سڌريل ملڪن ۾ جڏهن رهت پيءُ ٻي شادي ڪرڻ بعد پهرينءَ زال جي ٻارن ڏانهن نردئي ٿي پوندو آهي. لڳي ٿو ته ٺيڪ ان طرح مٿين ملڪن جي ماتا به ٻهراڻ پتيءَ جي ٻارن طرف ان طرح ئي نردئي ٿي پوندي آهي؛ اڻ سڌريل هئڻ ڪري شايد اڃان به ڪجهه اڳتي وڌي ويندي آهي؛ سندس اها حالت اسانجي خيال موجب سياويڪ به آهي.

انڊمان ٻيٽن جي اڻ سڌريل جاتين ۾ رواج آهي ته جيسين ٻار جا ڏند نه نڪرندا آهن تيسين پتي - پتني گڏ رهندا آهن. ٻار جي ڏندن بعد پنهنجو پنهنجو رستو وٺندا آهن. پرش ڪا ٻي استري ڳولهي وٺندو آهي؛ استري ٻئي مرد جي تلاش ڪندي آهي. ان وقت استري، ان ڏند نڪتل ٻار کي ڪنهن جهرڪي جي ڪناري تي ڦٽو ڪري ڇڏيندي آهي؛ پنهنجي ٻي گرهستي سنڀالڻ لاءِ هلي ويندي آهي. انڪري ڊاڪٽر

هئڻ. اهو ته برابر آهي ته استري - پرش جو سٻنڌ ڀلو هو. ان هوندي به اگر مرد زالن جي حالت اهڙي ڪريل ته ٻڌائين ته اسانجي سماجڪ حالت صفا ڪمزور ته ٿي سگهندي.

اسين مثال طور 'ناهين' لوڪن بابت ڪجهه چونداسين. ڪپتان 'ڪڪ' پنهنجي سفرن جو بيان ڏيندي لکيو آهي ته — "انهن لوڪن ۾ استريءَ ۽ پرش جو سٻنڌ نهايت ئي گهٽ درجي جو ۽ ڪريل هوندو آهي. استري قدر جو جا عورت سڀ کان حسين هوندي آهي انجو من ڪڏهن به ريت هڪ پتيءَ مان نه پرچندو آهي. جيڪڏهن پيڪن جي حالت ساهرن کان بهتر هجي ته استري پنهنجو حق سمجهي وڏيڪ پتي گهرنديون آهن ۽ هو وڏيڪ پتي حاصل به ڪري وٺنديون آهن."

ڪپتان ڪڪ ڪانپوءِ جيڪي به سفير اتي ويا آهن، انهن به اهڙين سڀني ڳالهين جي تصديق ڪئي آهي. اهو سڀ هوندي به ان ملڪ جا مرد استرين کي عزت جي نظرن سان ڏسندا آهن. انڪري ئي شايد ان ملڪ ۾ اولاد جو بيحد خبرداريءَ ۽ سنڀال سان پالڻ پوشڻ ٿيندو آهي ۽ ان زماني ۾ به سڀني ان ڳالهه کي ٻڪراءِ قبول ڪيو آهي ته انهن لوڪن جهڙا شانت، سشيل، مهمانواز ۽ سچار سڌريل سماجن ۾ به نٿا ملن. چوريءَ ذاتي مان ته هو ڄاڻندا ئي نه آهن. اسين اهو نٿا

ڏيکارڻ. اهڙيءَ جاءِ جو آئينده بلڪل اونداهو ٿي ويندو آهي. جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته انجو يڪسان سبب نر ۽ ناريءَ جو گهرگهلو رشتو آهي، اهي ڀلجن ٿا. انجو سڀ ڪان مکه ڪارڻ اهو آهي ته استريءَ ذات کي نفرت جي نگاه سان ڏٺو ويو ٿو ۽ ڪين عيش جو سامان سمجهيو ويو ٿو.

ڪجهه نيڪ طرح سمجهه ۾ ٿو اچي ته 'هربرٽ سپينسر' پنهنجي 'سماج شاستر' نالي گرنٿ ۾ انسانجي زوردار جذبات (Strong emotion) جو واسطو ڏيئي کهڙيءَ ريت ان وشيه جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ چاهي آهي. چيو ويو آهي ته اهڙن جاين جا مرد غصي جي حالت ۾ ... جيڪڏهن ڪو ٻار ڪا ڪٽي ايندڙ چيز ڪيراني ڇڏيندو آهي ته هو انکي ماري ڇڏيندا آهن. انهن جي اها حالت زوردار اوڻائي لمڪجي ٿي. انهن جي باري ۾ اهو به لکيو ويو آهي ته هو الڳ الڳ موقعن تي بنا ڪنهن پڇتاءُ ۽ ڏک جي پنهنجن ٻارن کي قتل ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ميڇن قاسائڻ لاءِ ٻارن کي ماري ڏيري ڏيري سندن چربي ڪيڙي ميڇن قاسائڻ جي ڪنڊيءَ جي نوڪ تي ڪاج بجاءِ لڳائيندا آهن. انڪانسواءِ بيمار ٻارن کي جهنگلن ۾ ڦٽو ڪري ايندا آهن اهي سڀ ڳالهيون کهڙيءَ طرح سمروڪار (Lunation) جو نتيجو ٿي سگهن ٿيون؟ اوائلي ماڻهن ۾ ڪجهه اوڻايون ته ضرور هونديون

چيز سمسار ۾ اڻ لڀ آهي'.

'ٻائڪي' ۽ 'ڏوڙا' لوڪن جي ٻاري ۾ به اها ڳالهه چٽي واضح آهي. اخلاقي سونهن جي ٻاري ۾ ٽيپيٽ جي استرين جي خوب واڪاڻ ٿيل آهي. نه صرف هو گهڻن ڀاتين کي پتيءَ جي روپ ۾ قبول ڪنديون آهن بلڪ اگر انهن جي من ۾ ڪا ٻئي تي وڃي ته آس پاس جي ماڻهن جو ٽولو به قبول ڪنديون آهن. ان هوندي به اتي مرد استرين جي خوب عزت ڪندا آهن. ان ڪري ته شايد راجا رام موهن راءِ لکيو آهي - '... مصيبت جي ڏينهن ۾ هڪ ٽيپيٽي رمڻيءَ جي رحم سبب منهنجي جان بچي هئي ۽ اڄ چاليهن سالن بعد به انهن رمڻين جي ياد ۾ ڳوڙها ڀرجي ايندا آهن.' انهن استرين سبب ئي راجا رام موهن راءِ زندگيءَ ڀر ناري جاتيءَ ڏانهن شرڌا رکندو آيو. اها ڳالهه هن خود قبولي آهي

انهن مثالن مان ڪٿي توهين ڀرم ۾ پئجي اهو نه سمجهو ته اسين ڪو بد اخلاقيءَ جا گڻ ڳائي رهيا آهيون. اسين ته صرف اهو ٿا چوڻ چاهيون ته اهڙيءَ حالت ۾ ناريءَ جو سنمان ڪري مرد ننڍو نه ويو آهي. در حقيقت استرين جو هڪ سچو ۽ سياويڪ ملهه آهي، ان ڪري اهڙيءَ حالت ۾ به پرش جيتڻ ڪاٺسواءِ هارايو نه آهي.

فيجي ٻيٽ جي استرين جي ٻاري ۾ اڃان تائين

چئون ته سندن سماجڪ حالت نقل ڪرڻ جهڙي آهي. ليڪن انهن ڪڏهن به نارين جي لاءِ عزت نه ڪئي آهي ۽ نه ئي ٻين اڻ سڌريل جاتين جيان نارين کي گهٽيءَ اوڙاهه ۾ ڪيرايو آهي.

سن ۱۹۵۸ عيسويءَ ۾ سي. ايل. راج پنهنجي 'رومانچڪاري ڏکڻ سمنڊ' نالي ڪتاب ۾ 'تاهٽي' ٻيٽن جي نواسين بابت وڏي واکي چيو آهي ته — '...... استرين جو فرض ڪهڙو آهي؟ گهر جي سار سنڀال لهڻ، ٻارن ٻچن جو خيال رکڻ، بهترين پتني ۽ بهترين ماتا بڻجڻ، راڄنيتيءَ کان پري رهڻ ۽ ڪپڙا رفو ڪرڻ. منهنجي خيال موجب، عورتن جي ڪيتري ۾ 'تاهٽي' ٻيٽ جون عورتون 'يونس' جي عورتن کان ڪافي وڌيڪ سنڀيون آهن ۽ بيلگيريا ۾ رهندڙ عورتن مان بلڪل ٿوريون انهن سان برابري سگهنديون......'

سلون يا لنڪا جا 'ويدا' لوڪ جن جي ناريءَ ذات ڏانهن بلڪل گهٽي شرڌا هوندي آهي، اهي مرندي مري ويندا پر هڪ عورت جي هوندي ٻيءَ عورت کي ڪڏهن به قبول نه ڪندا. نه ئي ڪڏهن پنهنجي استريءَ جو تياڳ ڪندا آهن. ان باري ۾ جرمن سائنسدان 'هيڪيل' چيو آهي ته — '... سچ ۽ انصاف پسنديءَ ۾ هي لوڪ يورپ جي انيڪ جاتين کي سکيا ڏئي سگهندا آهن. انهن لوڪن جي اپار سڀيه جهڙي مڌر

۽ انهن ۾ جيتري پتي پڳتي ۽ ستيپٽو هوندو آهي اوترو اڻ سڌريلن ۾ نه ڇا بلڪ انيڪ سڌريل جاتين ۾ ۽ ملڻ مشڪل آهي.

سوال ٿو اٿي ته انهن ۾ آخر اهي سڀ ڳالهيون ڇو ٿينديون آهن؟ پاڪيزگيءَ ۾ جن جي برابري ٻيون عورتون نٿيون ڪري سگهن، انهن عورتن جو هردو ڪهڙي ڏوه ۽ پاپ سبب پٿر هڻجي ويو آهي؟

استريءَ جي باري ۾ پرش جي فراخدليءَ ۽ انصاف پسندگيءَ جي واقفيت ڏيندي اسان گهڻا مثال ڏئي ڇڏيا آهن. هينئر اسين ان رشتي جي باري ۾ وڌيڪ ڳالهيون نٿا ڇيڙڻ چاهيون ڇو ته اگر اهڙن مثالن کي ۽ جيڪڏهن ڪافي ماڻهو سمجهن ته ان کانپوءِ وڌيڪ ڪجهه چوڻ جي ضرورت ڪانهي. صرف هڪ ٻه بنيادي ڳالهيون چئي مضمون ختم ڪنداسين.

سندرتا

اسان شروعات ۾ پرش ۽ استريءَ جي انيڪ طرحن جي رشتن جو بيان ڏئي، انهن جي 'سه جيون' جي آلوچنا ڪئي آهي ۽ انجو صرف اهو مطلب آهي ته اڪثر اهو رشتو وڌيڪ جاندار ۽ پريم ۽ موه سان ڀريل هوندو آهي ۽ ان رشتي ۾ وڌيڪ ڪشش ۽ ڇڪ

شڪ آهي تہ انهن کي وقت بوقت پوڙهيون استريون ٻڌي
ڪٽي ڇڏينديون آهن. هو پنهنجي پٽيءَ جي قبر تي
پنهنجي مرضيءَ موجب پيا ڪنهن ٻئي جي جان
ڏينديون آهن. ليڪن اتان جا مرد گهڻيون ڳالهيون
نہ ڪري ڳالهہ ڳالهہ تان عورتن جو قتل ڪري ڇڏيندا
آهن. اتي عورتن جو درجو پالتو جانور جهڙو آهي،
بلڪ چوڻ کپي تہ انکان بہ ويل آهي. اتان جون
مائٽون دعا گهرنديون آهن تہ سندن اولاد ڇوڪرو
ڏاڪو ۽ خوني ٿئجي. سندن پٽ ماءُ جو خون ڪري
گويا پنهنجي سکيا جي شروعات ڪندا آهن. پيءُ پڻ ٻڌي
چوندا آهن تہ منهنجو پٽ وڏو ٿيندو.

انيڪ ڀيرا ائين ٿيو آهي تہ جڏهن مرد لڙائيءَ ۾
هارائي دشمن کي قيد ڪري گهر آڻيندا آهن تڏهن
ماري ڪاٽڻ کان اڳ عورتن جي وندر لاءِ ڏين زنالي ۾
موڪلي ڏيندا آهن. عورتون وندر لاءِ ان قيديءَ جا
هٿ پير ٻڌي ڪنهن تيز هٿيار سان انجرن اکيون
ڪڍي ونديون آهن. سڀ عورتون ان ماڳي ڪي
چئني طرفن کان وڪوڙي بيهي وهنديون آهن. انهن مان
ڪا پٿر سان سندس ڏند ڀڃندي آهي تہ ڪا چاقوءَ
سان آڱريون ڪٽيندي آهي. جيئن هو وڏيڪ واڪا ڪندو
آهي تيئن کين مزو ايندو آهي. اس ان ملڪ جون
عورتون ان رحم تينديون آهن، ليڪن ان هوندي

انهن ڇهن جي ته سماج جي مالڪياڻيءَ، جي روپ ۾ نظر ايندڙيون آهن. اڻ سڌريل 'فيوجن' جي ٻاري ۾ ڇهو ويو آهي ته - '...انهن ۾ بزرگ استريون سڀ کان وڌيڪ عزتدار سمجهيون وينديون آهن. سڀئي ڳالهين ۾ مکيه طور سندن صلاح ورتي ويندي آهي.'

ميڪسيڪو جي آدم ذات ۾ 'هانيداء' لوڪن ۾ به ان طرح رواج آهي. جيئن لوڪن ۾ گهر جي ڏاڏي تي سڀ ڪجهه ڪرڻ واري هوندي آهي. سماٽرا، منڊا گاسڪو ۽ ڪانگو ۾ استرين کي راڻيءَ جي پدوي ڏاني طاقت ۾ ايندي ڏٺو ويو آهي. ليڪن اها ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي؟

اسين پنهنجن گهرن جي حالت سوچي رهيا هئاسين. اسانجي ملڪ ۾ به جڏهن گهر جو مالڪ نه رهي، تڏهن بزرگ ماتا يا ڏاڏيءَ کي ئي گهر جي مالڪياڻي سمجهيو ويو ٿو. ليڪن ان بعد ڇا ٿو ٿئي؟ من جي اندر ڀاپ ڪونهي ۽ اسين پنهنجي من جون ڳالهيون لڪائي رکڻ لڳا چاهيون. هن ملڪ ۾ ملڪيت جي لوڀ ۾ بزرگ استرين کي ٻڏي جلايو ويندو هو ۽ مردن جي انيڪ قسمن جي جوابدارين مان 'سپينسر' صاحب جي ڪتاب ۾ خاص ذميواري لکيل آهي ته - '... هندو استرين ۾ هڪ عام رواج پئجي ويو هو ته هو پنهنجن مڙسن کي ماري ڇڏينديون هيون ۽ انکي روڪڻ لاءِ مٿيون رواج

هوندي آهي.

اسان جي ملڪ جي عالمن ۾ چيو آهي ته ڇهن رسن مان 'مڌر رس' ئي بهترين آهي. ان رس جي پيدائش سنڀوڳ مان ٿيندي آهي. در حقيقت انسان جيترو ڀوڳن جو رس ڀوڳي ڪري سگهيو آهي، انهن سڀني مان سرپشت هي رس ۽ سڀني رسن جو سنگم ۽ وڪاس جهلڪي ٿو ۽ ان ڪري ٿورو ڌيان ڏيڻ سان پتو پوي ٿو ته جنهن ديش ۾ ان رس جي ڀاونا جيتري گهٽ هوندي آهي ۽ ٻڌن جيترو ئي وڌندو ۽ گهرگهلو هوندو آهي، ان ديش ۾ نر ۽ ناريءَ جو پاڻ ۾ رشتو به اوتري ئي انداز ۾ ڪمزور هوندو آهي.

اگر انهن ڇيو وڃي ته سنسار جي ڪنهن به ديش ۽ جاتيءَ ۾ رشتي جي خيال کان پتنيءَ جي پيت ۾ ماتا يا ڀيڻ وڌيڪ پريم هوندي آهي ته اها ڳالهه ڪنهن کي ضرور وڻندي پر حقيقت ۾ اهو ڇوڙڻ ڪرڻ هوندو. ان هوندي به هتي پاڻ کي هڪ وشيه ۾ خبردار ڪرڻ لازمي آهي جو ته ڪيترا اهڙا مثال آهن جن جي جڙ تائين پهچندي معلوم ٿيندو ته ڪجهه الٽو ئي واپار هلي رهيو آهي. اهڙيون انيڪ سدرپل ۽ اڻ سدرپل جاليون آهن جن ۾ هڪ طرف ته نارين جي بري حالت جي جنهن ريت ڪا حد ئي ڪونهي ان ريت ٻئي طرف نارين گهر جي مالڪياڻيءَ، بلڪ

ڏيندا آيا آهيون، اهو ٺيڪ ٺي آهي."

جيئن هن ديش جي هڪ ودوان پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته - 'مدو جي سمي ويچار جو وهڪرو خوب زور هو. انگريزي عورتن لاءِ سخت قاعدا قانون گهڙيا ويا.' اسين سمجهون ٿا ته ان پد جو مطلب اهو ٿي هو ته ان ويچار جي سموري ذميواري استرين تي آهي، پرش انلاء ذالي ماڻهو به ذميوار ڪونهي. ڪجهه به هجي، ان ڳالهه جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ نهايت ضروري آهي ته ان ڳالهه کي به ڪو مضبوط بنياد آهي يا نه؟ اڳ به چٽي چڪا آهيون ته اگر سنسار ۾ عورتون اٺلپ هجن هجن ها ته صرف ان حالت ۾ ٿي ناريءَ جو سچو ملهه ڪٿڻ سولو ٿئي ها. پر اسين ان 'اگر' کي ڇڏي اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته استرين جي هاڻوڪي حالت ۾ مردن انجو سچو ملهه ڏنو آهي يا نه.

'ايڊم سمٿ' جڏهن شروع ۾ ان ڳالهه جو پرچار ڪيو هو ته سنسار جون سڀ چيزون جنهن قدرتي قانون جي وس ۾ آهن، انهن جو ملهه به انجي وس آهي. ان وقت هنجي ڳالهه سڀ ماڻهو نه سمجهي سگهيا هئا. ان وقت ماڻهن سمجهيو هو ته اسين استرين کي جنهن اگهه ۾ چاهيندا سين، ان اگهه ۾ وڪڻندا سين ۽ خريد ڪندا سين. ملهه ڪٿڻ وارو ان چيز جي مالڪ کانسواءِ ٻيو ڪير به ڪونهي. ان اهنڪار سبب هو سؤ ورهين ائين ان

جاري ڪيو ويو هو.

اسين اهو نٿا ڄاڻون ته 'سپينسر' کي اها خبر ڪهڙن پنڊتن ڏني هئي، ليڪن استرين کي جلائڻ جي رسم جو رنگ ڍنگ ڏســي ڪري ئي وچاري ودشي ليکڪ 'سپينسر' جي من ۾ استرين جي ڪنهن ڀاڙي گناه جو انديشو پيدا ٿيو هو. ها، وچارن استرين کي جلي مرڻ بعد به ڇوٽڪارو نٿو ملي. ڪجهه به هجي پر اها ڳالهه آهي بلڪل ڪوڙي ۽ من گهڙت. ڇو ته، استرين کي جلائي مارڻ جي فائدي ۾ هن ديس جي پنڊتن جي طرفان ولايت ۾ جيڪا اپيل داخل ڪئي وئي هئي، ان ۾ ودوانن جي خلاف ان الزام جو ڪو به ذڪر ڪونهي. خير، ان ڳالهه کي رهڻ ڏيو.

ڳالهه پوءِ ان بابت هئي ته مٿي ذڪر ڪيل ڪن ملڪن ۾ استرين جي خاص حالت جو فرض بيان ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ سچ پچ سمدن وجود آهي به يا نه، اگر آهي ته انهو ڪهڙيءَ طرح هئڻ ممڪن آهي؟ پرش ۽ استريءَ جي سمورن رشتن ۾ استريءَ جو واجبي انڪار يا دعوا ڪجهه به هجي پر جڳهه، وقت ۽ حالت جي فرق سبب پرش انکي جو مان ڏيندو آيو آهي، اهو سندس واجبي مان آهي يا نه؟ ڇو ته پرش انهن ڇهئي هڪ طرح انهو هڪ وڏو جواب ڏئي سگهي ٿو ته — "جدا جدا حالتن ۾ اسين جو مان استرين کي

ٿي پوي. منهنجي هن مضمون جو ڪجهه حصو پڙهي، ڪجهه ڏينهن اڳ، هڪ رشتيدار منهنجي ٽيڙي دماغ Morbid Mind کان واقف ٿيو هو. هڪ ٻئي رشتيدار نر ۽ ناريءَ جي لاڳاپيءَ جي سنبنڌ جي آلوچنا ڪرڻ جي اپراڌ ۾ منهنجي لاءِ ناراضپو ظاهر ڪيو هو. مان شروع کان ڄاڻان ٿو ته مرد هي مضمون پڙهي اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪندا. پر انهن سڀني ڳالهين جو جواب ڏيڻ مان واجب نٿو سمجهان.

سڌريل انسان جي ٻاري ۾ هڪ چوڻي آهي ته - 'جهنگلي ۽ وحشي لوڪن جي استرين جي حالت جو جائزو وٺڻ سان انسان ذات جي اخلاقي ترقيءَ جي جيتري ٺيڪ معلوميت ٿئي ٿي اوتري ٻي ڪنهن به واٽ لئي ٿئي'. اها چوڻي سچي آهي ۽ انڪري ٿي سڀ مثال ڏيڻ جي ضرورت ٿي آهي.

هڪوار وري 'متر رس' جي ٻات چيت ڇيڙڻ لازمي ٿي لڳي ڇو ته ان رس گهڻن طريقن سان انسان کي حقيقي روپ ۾ انسان بڻايو آهي. هن رس جي سوجهه جيتري انسان ۾ گهٽ هوندي آهي اوترو ئي هو مڪمل انسانيت کان دور رهندو آهي. هن رس کي قائم رکڻ جي خيال کان ئي ايڪبريءَ ۾ 'ستيپوڻي' جي رچنا ٿي ۽ هن رس جي مهانتا جا گڻ ڳائڻ لاءِ انسان شاعر بڻيو.

سچ کي نا قبول ڪندا رهيا. اسين اهو نٿا چئون ته هن وقت سڀئي اڪثر ان سچ کي قبول ڪيو آهي، ليڪن جن به انکي قبول ڪيو آهي؛ انهن اها ڳالهه ٺيڪ ڄاتي آهي ته اگر ان سڀاوڪ نيم جو الڳهڻ ڪيو وڃي ته آخر تائين انجو ڦل سٺو نه نڪرندو.

جنهن جو سچ پچ ڪو ملهه نه هجي، انجو ملهه چاهي راجا جي حڪم سان، چاهي سماج جي مرضيءَ سان، اگر ڀي واجبي لموٽي تمام گهڻو وڌايو ويندو ته انجو نتيجو سٺو نه نڪرندو. هي حقيقي اصول ٻئي طرف به لاڳو ڪري سگهجي ٿو ته جنهنجو جيترو ملهه هجي، انکي ٺيڪ اوترو ئي ملهه ڏنو پوندو. اگر بي علميءَ يا اهنڪار سبب انکي ان ملهه کان وانجهيل رکيو ويندو ته ان مان ڪڏهن به ڪلياڻ نه ٿيندو. ڪوڙ جي ڪڏهن به جيت ڪونه ٿيندي. جيڪڏهن جاچي ڏٺو وڃي ته جيڪو ملهه پرش هيل تائين ناريءَ کي ڏيندو آيو آهي؛ ان مان جيڪڏهن اڄ تائين لڳاتار پيو ٿي ٿيندو آيو هجي ته پوءِ ڪٿي مٺو هوندو ته اهو ناريءَ جو پورو ملهه آهي! نه نه اها ڳالهه مٺي پوندي ته پرش ناريءَ کي هيل تائين ٺڳيو آهي، هن کي ستايو آهي؛ گڏو گڏ سماج ئي پراڻ جو ڪوٽ ڪٽي پڌو آهي.

هتي مضمون جي وچ ۾ هڪ شخصي ڳالهه لکڻي

سهڻي، پڇاڻي سگهي ٿو. ڏنو ويو آهي ته جيڪا سماج
جيتري ٿي ڪريل هوندي آهي ۽ جنهن سماج ۾ ناريءَ
جي حالت جيتري وڌيڪ ڏکي ۽ ڪشٽن سان پريل
هوندي آهي، انهه ناريءَ جي سندرتا ۾ اوتري ائي
جٽادار ۽ نالي ماٺر هولدي آهي. ان ڳالهه جا مثال
ڏيئي اسين مضمون کي نه وڌائيندا سين.

گهڻي قدر سفير اهو ٿي لکي ويا آهن ته جن لوڪن
۾ ناريءَ جي حالت بيحد گهٽ درجي جي ٿيندي
آهي انهن ۾ پرش ٿي صرف سندر ۽ جانٺا هوندا آهن،
انهن جون عورتون انترين لـ بدصورت ۽ بدزيبون
هونديون آهن جو انهن کي ڏسڻ سان من ۾ نفرت پيدا
ٿيو وڃي. ئو اها ڳالهه ڇا سيکاريڪ ڪونهي؟ انهن کي
سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي، ڏينهن جو گهڻو عرصو
بند ۽ خراب هوا ۾ رهي گذارڻو پوي ٿو. ننڍيءَ عمر
۾ ٿي ڪين بار جڻنا پون ٿا، انهن جو پالڻ پوشڻ ڪرڻو
پوي ٿو ۽ مردن جي جوت کائڻي پوي ٿي. پلا ان
حالت ۾ سندن سندرتا ڪهڙيءَ رست گهڻن ڏينهن
تائين جٽاءُ ڪندي؟ انڪانسواء سندرتا جو مطلب صرف
سندرتا ۾ ته ڪونهي، تندرستي ۾ آهي. انهن جي سندرتا
هلي ويندي آهي، تندرستي ناس ٿي وڃي آهي.
ٻن ٿي ڏينهن ۾ سندن جواني سڪي سڙي ويندي
آهي. ان بعد نبل ۽ وقت کان اڳ پيداون تيل استرين

اهو اصول نه قبول ڪرڻ سان ڪم نه هلندو ۽ هن وس جي ان عزتيءَ ڪرڻ سبب ئي يورپ هڪ خاص زماني ۾ ۽ يورپ وچولي زماني ۾ ناريءَ کي 'خاص واسطو' عيوضي' سڏي جا پل ڪٽي، انگريزن ئي کين گراوٽ جي راهه ڏانهن وڌڻ ڏنو هو.

ان وس جي سوجهه جو مکيه مرڪز آهي ناريءَ جي سڀيتا. پرش چاهي ڪيترو به وحشي ڇو نه هجي پر انهن ڪڏهن اهو ئي سگهي نه هو سڀيتا جي عزت نه ڪري سگهي. اهڙي قدر جو 'پئيا' قوم جا ماڻهو جيڪي پڳن ۽ پوون جي نافت سمي عورتن کي هر ڀر ڀڌي زمين کڻي پيدا آهن، انهن ۾ ڏنو ويو آهي ته جيڪي عورتون ضرورت کان وڌيڪ خوبصورت هونديون آهن، انهن کي هر ڀر گهٽ ڪم آڻيندا آهن ۽ جيئن جيئن انهن جي سڀيتا گهٽجندي آهي تيئن تيئن کين وڌيڪ بوجهه کڻڻو پوندو آهي. ڪوريا جا تواريخ نويس به ٺيڪ ان طرح جي حالت جو اهڙيڪ هنڌن ئي ذڪر ڪري ويا آهن.

ان طرح پتو لڳي ٿو ته سڀيتا سان ڪجهه سهوليت ضرور اچي ٿي. پوءِ چاهي اها سهوليت ڪيتري به گهٽ ڇو نه هجي. اها سهوليت پرش جي مزدوري کي اوچ بڻائڻ ۾ ڪافي مدد ڪري ٿي. ان سان هو پنهنجن ننڍڙن کي، چاهي پڻ ڏهين لاءِ ئي

استرين کي ڏيندا آيا آهيون اهو سندن ٺيڪ ملھ آهي. نه نه ڇوڙو ٿيندو نه اسانکان ڀل ٿي آهي ۽ ان ڀل کي سڌارڻ کان اسين مجبور آهيون. اگر اسين صرف ان ڳالھ تي همت رکي سوچيون ته اليڪ مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ٿي سگهي ٿي.

پنهنجي ڀلائي ۽ ٻرائي ڏسڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي. مشڪل ڪم آهي صرف پنهنجن غلطين کي قبول ڪرڻ. اسين پنهنجي ملڪ جي پرشن کي عرض ڪريون ٿا ته اهو مشڪل ڪم پيڙهيو ئي پاڻ تي هموار ڪن. ان حالت ۾ خود به خود اهو فيصلو ٿي ويندو ته ڪهڙا رسم و رواج هن وقت ڪمائتا آهن ۽ ڪهڙا مدي خارج ۽ نڪما. اها چالبازي ڪجھ وقت ته ڪم ضرور ڪندي ته اسين سموري مڙو رس استرين مان ٽوڙي ڪڍي وٺون ۽ ڪين ڪجھ به نه ڏيون، ليڪن سدا اهو دولاب به نه هلندو. ايشور جي اڻ ٽڙ ڪورٽ ۾ هڪ نه هڪ ڏينهن پرش پڪڙجي پوندا. ٿي سگهي ٿو ته ان وقت به رس مڙو رهي پر انجو قل مڙو نه هوندو

هڪ ڳالھ ٻي به آهي. سماجڪ نيمن جي باري ۾ جيڪي به ماهر آلوچنا ڪري پنهنجي مدمت جي نتيجي کي قلمبند ڪري ويا آهن. اهي ان سچ جي کوج ڪري ويا آهن. ته سماج ۾ ناريءَ جو درجو گهٽ ٿيڻ سان گڏو گڏ ٻارن جو درجو به ڪري پيو ٿو. اهو سمجهڻ

کان، مرد زبردستيءَ ڪجهه به وصول ڪري سگهن ٿا ۽ ڪندا آهن. جنهن سبب ڇڙيءَ ڏسائن ۾ اڻگل ٿي اڻگل وڌندو رهندو آهي.

آزاديءَ جو واجبي ڪٻتر

اگر جڳهه ۽ وقت هجي ها ته اهو به اسين ثابت ڪري ڏيکاريون ها ته جيئن جيئن سماج ۾ ناريءَ جو درجو هيٺ ڪرندو رهيو آهي تيئن تيئن نر ۽ ناريءَ جي عمر به گهٽجندي رهي آهي. انگريزي ٿي شايد سڀ اڻ سڌريل ۽ نيم سڌريل ماڻهو ضرورت کان گهٽ جيئرا رهيا آهن. اگر انهن سان اسين پاڻ کي ڀيٽينداسين ته معلوم ٿيندو ته ساڻن اسان جي ڪا به ڳالهه مشابهت نٿي رکي. اگر انهن لوڪن جيان اسانجون استريون ٿورن ئي ڏينهن ۾ پنهنجي جواني ۽ تندرستي کوهي نه وڃن ها، انهن جي گرڀ مان پيدا ٿيل سنتان روڳي ۽ گهٽ عمر واري نه هجي ها، ٿوري عرصي ۾ وڌوا ٿي وڃڻ لاءِ هوءَ پنهنجي گهر مرڻ سي دکي گرستيءَ کي اڃان به وڌيڪ بوجهو بڻائي ها ۽ ضرورت پوڻ تي اسين انهن لاءِ خود مختيار نموني آجيوڪا ڪمائڻ جا طريقا پيدا ڪري ڇڏيندا هجون ها - ته اوس ئي اها ڳالهه قبول ڪرڻي پوندي ته جيڪر مڙ اڄ ٿائين

انجو مطلب نه صرف مرد آهي ۽ نه صرف عورت. ٻنهي جا ڪي الڳ الڳ فرض آهن. ضرورت صرف اها ڏسڻ جي آهي ته انهن فرضن جي يڪسان پورائي ٿئي ٿي يا نه. فرض جو مطلب پنهنجو ڪم ڪرڻ ڪونهي بلڪ انجو مطلب اهو به آهي ته ٻئي کي به نيڪ اوتوڻي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو يا نه.

هڪ ڳالهه ٻي به آهي ته مردن جا سمورا ڪم عورتون نٿيون ڪري سگهن ۽ عورتن جا سمورا ڪم مرد به نٿا ڪري سگهن. جيڪو ڪم مرد ۽ عورت جي گڏجي ڪرڻ سان نيڪ طرح ٿئي ٿو، اهو ٻنهي مان ڪنهن به اڪيلي ذريعي نيڪ طرح ٿي نه سگهندو. ان ڪري سموريءَ سماج کي اها ڄاڻ رکڻ ضروري آهي ته اسان وٽ استرين جي فرض جي پورائي ٿئي ٿي يا نه. انهن کي اهو به ڏسڻ کپي ته ڪم ڪرڻ لاءِ واجبي آزادي ۽ سهوليت پوري ڪيتر انهن لاءِ ڇڏيو ويو آهي يا نه.

جيل ۾ اگر قيدين کان ڪم ورتو ويندو آهي ته انهن جي زنجيرن جي بار کي هلڪو ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي. اوس ٿي اسين ائين نٿا چئون ته انهن کي زنجيرن کان هڪدم آزاد ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان اسانجي استرين جي آمريڪن عورتن جهڙي حالت ٿيڻجي پوندي. آمريڪن عورتن جي اروڪ آزادي ڇڙواڳيءَ ۾ بدلجي وئي آهي.

مشڪل ڪونهي تہ اها ڳالهہ ڇو ٿي ٿئي ۽ اُهين ٺيڪ
سماويڪ آهي يا نہ. ڪافي ڪجهہ مثال ڏيئي اسان
ٻڌايو آهي تہ ٻارن جو ٻوليءَ جي ٻيٽ ۾ ماءُ سان وڌيڪ
کهاڻو وشتو ٿيندو آهي. ان ڪري سنسار ۾ جيڪي
بہ وڏا ماڻهو ٿي ويا آهن، انهن جي آلوچنا ڪرڻ
سان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن سڀني اهڙين ماتائون پاليون
هيون جن سبب سنسار ۾ ترقي ڪرڻ انهن لاءِ ممڪن
ٿي سگهيو هو.

اگر ماتائن جي حالت ڏينهون ڏينهن ڪرندي وڃي
۽ انگريز ملڪ ۾ اوچ سنتان جو تعداد ڏينهون ڏينهن
گهٽ ٿي وڃي تہ ان ڳالهہ جي شڪ آهي ؟ اڄ ڪالهہ
جي ڇتا پيڙهيءَ جي زماني ۾ اها قوم سنسار جي ٻين
قومن جيان زندہ نہ رهي سگهندي. انهي جواب ۾
جيڪي ماڻهو سوال جواب ڪندا رهيا آهن تہ آخر
اساڻجي قوم هيتري عرصي تائين جٽاءُ ڪئين ڪيو آهي ؟
انهن کي اسانجو چوڻ آهي تہ ڪنهن بہ ريت وجود
قائم رکڻ کي جيئڻ نٿو سڏي سگهجي!

ان وشيہ ۾ ڪا بہ منشرق راءِ نٿي ٿي سگهي تہ سماج ۾
نر ۽ ناريءَ جو درجو گهٽ ٿيڻ سان نر ۽ ناريءَ ٻنهي
جو نقصان ٿئي ٿو ۽ ان نقصان جو ٻيڙو ڪندي ناريءَ
جو سماج ۾ درجو مقرر ٿي سگهي ٿو ۽ انکي سمجهڻ ڪو
مشڪل ڪم ڪونهي. سماج جو مطلب آهي نر ۽ ناري

پرش صرف ٻاهران لڏندو ۽ شڪار ڪندو آهي، انکانسواءِ ٻيو ڪجهه نه. الي زنده رهڻ لاءِ باقي سڀ ڪم عورتن کي ڪرڻا پوندا آهن. هو پاڻي ڀرينديون آهن، جلائڻ لاءِ لڪڙيون ڪٺينديون آهن، ٻار پيوتينديون آهن، زمين کيڙينديون آهن، ۽ اولاد پيدا ڪنديون آهن، ڪارائينديون پيارينديون آهن وغيره. اهڙي قدر جو شڪار ۾ جيڪي جانور مردن کي حاصل ٿيندا آهن، انهن کي گهڻي آڻڻ لاءِ کين مردن پنهنجن پيلن ۽ جهنگلن ۾ گهمڻو پوندو آهي. انهن سڀني ڳالهين جو جيڪو سياوڪ نتيجو نڪرڻ کپي اهوئي نڪرندو آهي.

اسين قبول ڪريون ٿا ته سڀني ملڪن ۾ نر ۽ ناريءَ جي ڪمن لاءِ هڪ قسم جو طريقو ڪونهي ۽ نه ٿي ٿي سگهندو. ليڪن ٿورو باريڪ ٻيهيءَ سان ڏسڻ سان پتو لڳي ٿو ته سڀيتا سان فرض ڪيتو جو هڪ قسم جو سياوڪ ٿاٿو آهي - مثلاً اگر پنهنجي استعمال لاءِ ڪٿان ڏيڙي ٿان پاڻي آڻڻ جي ضرورت پوي ته ڪو فرانسي يا انگريز خود وڃي پري اهندو ليڪن اسين اهو ڪم ڪندي لڄ سبب مري ويندا سين ۽ پنهنجي گرهڻيءَ استريءَ جي چيله آءِ هڪ وڏو داو رکي ڪيس ڪوه ڏانهن موڪلي لڄ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندا سين.

جڏهن 'پيوءَ' جي اوج جا ڏينهن هئا تڏهن الاءِ جا مرد چرخو ڪتيندا ۽ ڪپڙو اُڻيندا هئا ۽ عورتون

ڪڏهن زماني ۾ پراچين روم ۾ وڏن گهراڻن جي استرين کي عوامي طوائف بڻائڻ کان بچائڻ لاءِ قانون ناهڻا پيا هئا. اسان هڪ دفعو ڪٿي پڙهيو ته آهي، تبيت ۾ هڪ ئي استريءَ سان هڪ وقت گهڻن ئي مڙسن هئڻ جو بيان ڪندي گرنٿڪار شايد ڪجهه چِڙ طور لکيو آهي ته - مونکي اهي سڀ ڳالهيون لکندي ڏپ ٿو ٿئي ته ڪٿي آمريڪا جي عورتن ۾ به اها ڳالهه گهر نه ڪري وڃي؛ هو به نه چوڻ لڳن ته اسين اهوئي ٿيو چاهيون!

آمريڪن عورتن جو رنگ ڍنگ ڏسي سيمي مردن جا هٿ پير ڄڻ سندن ٻهت ۾ ٻڌجي ويا آهن، سندن عقل چرخ ٿي ويو آهي. ٻئي طرف اگر سموريون زنجيرون هڪدم لاهي ڦٽيون ڪجن ته ان مان پرش به ڪيتري قدر ڇڙواڳ بي پرواهه ۽ اي خيالا ٿيجي پوندا آهن، هن ڀارت ورش ۾ اهڙن مثالن جي ڪمي ڪونهي.

ڪجهه به هجي، استرين کي انصاف موجب ڪم ڪرڻ جي آزادي ملڻ کپي ۽ انهن لاءِ واجبي ڪيتر ڇڏڻ کپي. گڏو گڏ ان ڳالهه جي چٽ ڄاڻ ٿيڻ کپي ته ڪهڙا ڪم استرين لاءِ آهن ۽ ڪهڙا مردن لاءِ ۽ ڪهڙا ٻنهي لاءِ. سماج جي جيڪڏهن ني هينئين ته ۾ ويداسين ته ڏسڻ ۾ ايندو ته ماڻهو نيڪ اهائي ڀل ڪندا آيا آهن؛ ان مان ڪين ڪجهه به هڙ حاصل نه ٿيو آهي. اڪثر ڏهڻن هند

آهي، اهو نتيجو ڪيو آهي ته جنهن ملڪ جا مرد وڌيڪ وڙهو ۽ جنگ جا شائق هوندا آهن ۽ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي بچاءَ لاءِ جيترو وڌيڪ لڙائيون لڙندا آهن، ظلم به اوترو ئي وڌيڪ ڪندا آهن ۽ استرين تي شاريرڪ زور جو استعمال به اوترو ئي وڌيڪ ڪيو اٿائون.

اها ڳالهه ڪونهي ته استرين پنهنجي مرضيءَ سان اهي سڀ عذاب ۽ غلامي پسند ڪئي آهي. نه، اهي پنهنجي شاريرڪ بل سان ان مان ڇوٽڪارو پائي نه سگهيون آهن، انڪريءَ ئي انهن سڀ ظلم سٺا آهن ۽ غلامي قبول ڪئي آهي. اگر هو بدني زور سان ڇوٽڪاري پائي سگهن ها ته اهي سڀ ڳالهيون ڪڏهن به قبول نه ڪن ها. ڪارڻ، اهو ڏٺو ويو آهي ته اگر موقعو ۽ سهوليت جتي به ڪين مليا آهن، اتي استريون به نڙتا ۽ رعب ڇوسط ۾ پرشن کان رتي ماتر به گهٽ ثابت نه ٿيون آهن. هتي اها ڳالهه سوچڻ ۽ ڏسڻ جي آهي ته ان باري ۾ اگر مرد چون ته اسان شاريرڪ بل سبب ڪمزور استرين تي ظلم نه ڪيا آهن بلڪ سوچي سمجهي، ڏيري ڏيري، فرض کان مجبور ٿي، استرين جي لاءِ گهٽ درجو مقرر ڪري ڇڏيو آهي - ته اهو سچ ڪونهي.

'سپينسر' جو هي دليل بنا مخالفت قبول برابر ڪيو ويو آهي. پر ان ۾ وڌيڪ سچ ٿو لڳي. هن چيو آهي

هر ڪيڙ ٿيندا پون هيون. اڄ به 'ساموئا' جا مرد ماڻ
ويندا آهن ۽ عورتون بازار مان سودو وٺي اينديون آهن
"انڊيسيميا" جي مردن کي بازار وڃڻ جي آفت ايندي
آهي پر هو گهاٽ تي وڃي پنهنجي زالن جا ڀڄڻ ڪپڙ
ڌوئي شوق سان ڌوئي ايندا آهن.

ان طرح ڪم ڪار جو طريقو سڀني ملڪن ۾ هڪ
جهڙو ڪونهي ۽ اها ڳالهه درست به آهي ته اگر ڪنهن
وٽن ڳالهين ۾ ڪم ڪار جو طريقو هڪ نه هجي ته ا
مان ڪو خاص نقصان يا نفعو نٿو پهچي. پر اگر اهو طريقو
رواجي نيم تي آڪي اوراڳهي وڃي ته ان مان برائي ضرو
ٿيندي. جيئن ريت 'ڪردو' لوڪ سموري زناني ڪرت
ڪندا آهن ۽ اهي ڪندي ڪندي ڪمزور ۽ نڪم
ٿيڇي پوندا آهن. ان ريت 'داهومي' راڄ جي استري
به در اصل اڻگهڙ هين (Unsexed) تي لڙائي لڙي سگهندي
آهي. ان طرح جي طريقي سان نه شخصي ڀلو ٿئي ٿو
تي ديش جو.

ليڪن انهن سڀني مردانن ڌنڌن سبب تي پنهنجي
جي هڪ ٽوليءَ جي من ۾ اهو وشواس پيدا ٿيو و
آهي ته اوائلي دور ۾ تو ناريءَ مان، ناريءَ جو ن
درجو اوچو هو. نارين تي 'سيتا جهڙن رهڻ' هيون
'سپيسر' صاحب خرب جاچ جوچ ڪري، ته استرين
درجو ڪهڙيءَ ريت ۽ ڪهڙن سببن ڪري ڪرندو آ

سڌارڻ لاءِ، انهيءَ عورتن جي حالت اولوي ني گهٽ درجي جي هوندي آهي. ●

ڌرم جو چنبو

Monogomy يعني هڪ پتني ورت وارو رواج سچ پچ. استرين کي حقيقي عزت ڏيڻ جو ذريعو آهي ۽ نر ۽ ناريءَ جو هڪ ٻئي سان سڀاويڪ ۽ قدرتي بندڻ آهي، انجي هن ملڪ ۾ اکثر شاستر ني ڪولهي. ستيپٽي جون اتهاسون ۽ ريتون رسمون آهن ۽ انهن کي قائم رکڻ لاءِ عجيب و غريب ڏر وچايل آهن، جن جهڙا ڪدهن ٻه ملڪ ۾ ڪڏهن ٿيا ئي ڪونهن.

ٻيون جاتيون ڏسندي وڏي رهيون آهن. نر ۽ ناري گڏجي ڪريل سماج کي ڏکي مٿي آڻي رهيا آهن. سڀ پنهنجي پنهنجي واجب حق سان آزاد طرح ترقيءَ جي راه ڏانهن وڌي رهيا آهن. ليڪن اسان لاءِ ان ڳالهه کي ڪابه اهميت ڪونهي. اسانجي ماڻهن لاءِ لفظي لباڙون ئي سڀ ڪجهه آهن. اهائي ذات پات جي ڀيد ڀاو جي تنگدلي، ٻال وواه، ٻالڪا جو وواه نه ڪرڻ سان ذات جو هلي وڃڻ، ٻارهن سالن جي نياڻيءَ کي 'ديوي' بڻائڻ جي بهادري، پنجاه سالن جي ٻڍي سان ١١ سالن جي ڇوڪريءَ جي شادي ۽ ان بعد

تہ '... جنگ جو شونق زبردستيءَ جي سهڪار کي اهميت ڏني ٿو......انڪري استرين کي ڇورانڻ ۽ وڪرو ڪرڻ ۾ انهن جي حقن جو ڌيان نہ رکيو ويندو آهي، انڪري حالت ۾ سا حيثيت ۾ اها ناٻرابري آهي جا استرين ۽ پرشن جي سٻبند جي خيال کان اهو ورِاءِ (Pologomy) ۾ ٿي. انڪري استرين جي ڪٽمب غلامن ۽ پورهيت داسين جي روپ ۾ ٿيندي آهي ۽ مردن جو پنهنجي استرين ۽ ٻارن مٿان اهو ٿي حق رهندو آهي، جنهن موجب هو چاهي تہ انهن کي جيئرو رهڻ ڏئي ۽ چاهي تہ کين ماري وجهي ۽ انڪري ڪٽمبن ۾ ڪمشتڪي هوندي آهي، جنهن ۾ گهر جا سڀ ٻالي وڏي عمر واري جي نظرثانيءَ هيٺ رهندا آهن.

ان ڪالسواءِ اهي سماج آهن جيڪي خاص ڪري هيري ڪم ۾ رذل هوندا آهن ۽ جن ۾ مرضيءَ موجب نر ۽ ناريءَ جي ساٿ هئڻ سبب شخصي واڌارو ٿيندو آهي. اهي سماج چاهي صلح پسند هجن يا سادا سودا هجن يا اهڙن ملڪن جا هجن جي سپاهيگيريءَ جي لحاظ کان خوب اڳتي وڌي ويا آهن، اهڙن لوڪن جو وهنوار اپڪار جي ڀاونا سان ڀرپور هوندو آهي......'

در حقيقت اهو 'زبردستيءَ جو ساٿ' سڀ کان برو آهي. جتي ان قسم جو ساٿ جيترو وڌيڪ 'ٻلڻ' وارو هوندو آهي، پوءِ اهو ساٿ لڙائيءَ لاءِ هجي يا پرلوڪ

قسمن جا سماجڪ مسئلا انهن جي اندر سمائجي وڃن ٿا. ان کي جيڪا جالي نظر انداز ڪري هلي آهي ان استرين سان اوڏي ئي وڏي بي انصافي ۽ ظلم ڪيا آهن ۽ استرين کي انهن جي واجبي حقن کان موقوف رکي ڪين هيٺ ڪيرايو آهي ۽ ٻار کي به گراوٽ ڏانهن ڌڪيو آهي.

انجو هڪ مثال ڏيڻ ان ڳالهه کي چٽو ڪرڻ ضروري آهي. فرض ڪريو هڪ ڪنيا آهي ۽ سدا بيمار رهندي آهي، ڏاڍي ڪمزور اڻ پڙهيل ۽ نا سمجهه آهي. ان هوندي به خاص عمر ۾ هن جي شادي ٿيڻ ٿي کپي ۽ يعني ماءُ ٻڻجڻ جو بار ڪيس پنهنجي سر تي کڻڻو ٿي پوندو. ٻئي پاسي هڪ وڌوا ڇوڪري آهي جيڪا سٺي، تندرست، پڙهيل ڳڙهيل ۽ ماءُ ٻڻجڻ لاءِ مڪمل ريت قابل آهي. ۽ آدرش ماتا جي سڀني گڻن سان ايشور ڪيس سينگاريو آهي. ان هوندي به ڪيس سندس سياوڪ ۽ واجب حق کان موقوف ٿو ڪيو وڃي. هينئر اها ڳالهه بنا ڪنهن شڪ جي چئي سگهجي ٿي ته ان مان ڀل شاسترن جي مريادا جي حفاظت ٿيندي هوندي پر ڌرم جي مريادا جي حفاظت نٿي ٿي سگهي. نه ئي ابل ۽ بيمار ڪنيا جي وواه سان ٿي ٿي سگهي ٿي ۽ نه ئي سٺي ۽ تندرست وڌوا کي سدا وڌوا بڻائي رکڻ سان ٿي سگهندي.

بن سالن کانپوءِ گريب ھان سنتان — اھي سڀ سماج
جي الھاس طرف لاپرواھ لباڙي ماڻھن جا لنبا چوڙا
جواب ني نہ آھن، ان باري ۾ ڪجھہ بہ چوڻ جي
ضرورت ڪانھي. ٻڌبعد مھاشہ... ھين... ھين... ڪندا
ٻوڙلدا ايندا ۽ پڇندا — "ڀلا توھين اسانجي وشين مدين
کان بہ وڌيڪ ڄاڻون ٿا؟".

ھتي ھڪ انبن خريد ڪرڻ واري ڳالھ ياد ٿي
اچي. ڪنھن انب وڪڻندڙ چيو — "چکي ڏسو، بلڪل
مصريءَ جھڙو مٺو آھي." جڏھن ڪائي ڏٺوسين تہ اھڙو
ڪٺو ھو جنھن جھڙو اڳ ڪڏھن نہ کاڌو ھوسين. ليڪن
ان ماڻھوءَ کان ڪنھن بہ رھت قبول نہ ڪرائي
سگھياسين تہ انب ڪٺو آھي. ھو واڪا ڪري چوڻ لڳو
تہ — "واھ، توھان جي ڪٺي چوڻ سان ڇا مان قبول
ڪندس؟ اسانجي وڻ جو انب آھي، ڇا مان نٿو
ڄاڻان؟" — ڀلا انجو ٻيو ڪھڙو جواب ٿي سگھي ٿو.

انگريزيءَ ۾ جنھن کي 'آچار شاستر' (Ethic) چوندا
آھن، انجي بلڪل شروعاتي ڳالھ اھا آھي تہ ڪو خاص
مقصد نہ ھئڻ جي حالت ۾ اسين ٻئھجي آزاديءَ جون
حدون اوسيتائين وڌائي سگھون ٿا جيسيتائين اھي ٻئي
ڪنھنجي واجبي آزاديءَ کي نقصان نہ پھچائين. انھن
بن ڳالھين جي ذريعي انسان جي سڀني ڪمن لي
ضابطو رکي سگھجي ٿو ۽ اسانجو وشواس آھي تہ سڀني

پڻ 'سنت اپروس' جي هڪ چوڻيءَ مان لکي سگهجي ٿو،
هن بلڪل نرموهي اٿڻ جي ان ڳالهه جو پرچار ڪيو هو ته—
"... شادي ڪڏهن به ايشور جي قدرتي رچنا جو
اعلي مقصد ٿي نٿي سگهي. ايشور قدرت جي
رچنا مهل ڪڏهن به اهو نه سوچيو هوندو ته ماڻهو ڪر
شاديون ڪندا.." — جڏهن ايشور جو مقصد به انهن
کان ڳجهو ڪونهي تڏهن ڪنهن جي مجال آهي جو مٿن
بي اعتباري ڪري؟

انهي پونواري هڪ طرح اسلام ڌرم ۾ ڏسڻ ۾ اچي
ٿي. جيتوڻيڪ اها ڳالهه سمجهائي بڌائڻ نهايت مشڪل
آهي ته قرآن ۾ عورتن جو نيڪ ڪهڙو درجو آهي.
ان هوندي به اهي سڀ ڳالهيون ٺوڪاري نٿيون سگهجن
ته محمد صاحب عورت ذات ڏانهن شرڌا جي نظر رکڻ
جو آديش ڪري ويو آهي. پٽ ۽ ڌيءَ ۾ آڪاش ۽
پاتال جو ڀيد ڀاو ڪڙو ڪرڻ جي تاڪيد ڪري ويو آهي.
بيواهه عورتن لاءِ، جن جي حالت عران ۽ ڀهودڻن ۾ سيڏي
کان وڌيڪ رحم جوڳي هئي، فرمان ڪري ويو آهي ته
انهن تي قياس ۽ انصاف جي نظر رکي وڃي. حقيقت
۾ ان ڳالهه تي رتي ماتر به شڪ نٿو ڪري سگهجي ته
محمد صاحب جي زماني ۾ عورتن جي جيڪا پهرڪر
حالت هئي، ان جي ڀيٽ ۾ هن نئين ڌرم سندن حالت
هزار دفعا وڌيڪ بهتر بڻائي آهي.

سڌريل ماڻهوءَ جو صحتمند، سنواريل ۽ شپ عقل ناريءَ جاتيءَ کي جھڪي انڪار سونپڻ لاءِ ڇڏي ٿو، اهڙي انسان جي سماجڪ ليئي آهي ۽ ان مان ئي سماج جو ڪلياڻ ٿيندو آهي. سماج جو پلو ان ڳالهه مان نه ٿيندو آهي ته ڌرمي ڪتابن ۾ ڇا لکيل آهي ۽ ڇا لکيل ڪونهي.

ناريءَ جو مله منحصر آهي پرش جي سمجهه، همدرديءَ ۽ انصاف تي. ڀڳوان ڪيس نبل تي بڻايو آهي ۽ پرش مٿي ڇيل ذريعن سان سندس اها خامي پري سگهي ٿو.

انجو روشن مثال جاپان آهي. هو پنهنجي استرين جو درجو اوچو ڪرڻ ۾ ان ذريعن ڪان ڪامياب ٿيا آهن جنهن ذريعن ڪان سماجڪ ريتن رسمن جي پڪي پري جو ويچار هو ڌرم ۽ ڌرمي ڌندورين جي ڇنڊي ڪان آزاد ڪري سگهيا آهن. ڪجهه وقت اڳ چين جي استرين جيان جاپان جي استرين جي نه پريءَ حالت جي ڪا حد نه هئي. اها ڳالهه صرف يورپ جي ناري ۾ ئي نه بلڪ ٻين انيڪ ملڪن جي ناري ۾ نه بلڪل ٺيڪ آهي ته — '... ڌرم جا ٺيڪيدار - پروهت استرين جا سڀ کان وڏا دشمن ٿي رهيا آهن ۽ استريون انهن جون پهتريان خير خواهه ٻڌجي رهيون آهن.'

نارين جي درجي کيرائڻ لاءِ ڌرم جي ٺيڪيدارن جو حوصلو ڪيتري حد تائين وڌي وڃي ٿو، انجو

صاحب اهڙيون گهٽيون اميدون جاڳائي ويو آهي ته اهي وشواسي ۽ ست برش بهشت ۾ بهڪي کهڙي طرح عيش و عشرت ۽ مزا لٽي سگهندا. ان وشيه تي به خوب بارڪيء سان آلوچنا ڪئي وئي آهي ته بهشت ۾، مذهب ۾ عقيدو رکڻ واري هرهڪ بمي اشر کي کهڙي قسم جون ۽ ڪيتريون حورون عطا ٿينديون.

'سيل صاحب' قران شريف جي هڪ ترجمي ۾ لکيو آهي ته -

'...شريف عورتون سگهه ۽ آنند جي هڪ آزاد جڳهه ڏانهن وينديون، جتي هو هرقسم جا سک ڀوڳينديون...' — ليڪن مونکي ان ڳالهه جو فيصلو ڪٿي به نظر نه آيو ته مسلماني حالت جي ارٿ نيتي (Economy) پوري ڪرڻ لاء انهن سکن ۽ خوشين مان هڪ اهو به هوندو يا نه ته کين من پسند ۽ وڻندڙ مڙس به ملندا.

اگر انهن تي ٿڌي نه اهترو هولدي به ناري جي حقيقي حالت جي باري ۾ ماڻهن ۾ اهترو وڏيڪ شڪ ۽ متيبد رهڻ ڪا لٿين ڳالهه ڪونهي. انگالسرواء محمد صاحب خود هڪ هنڌ چيو آهي-

'... جڏهن هن بهشت جو نظارو ڏٺو ته هن کيس معلوم ٿيو ته اتي رهندڙن مان گهٽي الداز ۾ غريب هئا ۽ جڏهن نرڪ يا دوزخ ڏانهن نظر ڦيرايائين ته هن معلوم ٿيس ته جهڪي ڪمبخت اتي قيد هئا انهن مان وڌيڪ عورتون هيون...'

الاجي ڇا سوچي 'زڪات' ۽ 'ڏهاڙن بيڪ' گرنٿڪا
پرچار ڪري ويا آهن تہ مسلمانن جي مذهب
موجب عورتن کي آتما نہ هوندي آهي. هو عورتن کي
جانورن جيان ليکيندا آهن. اسانکي قرآن شريف ۾ ڪ
ڪٿي بہ اها ڳالهہ نٿي ملي. بلڪ انهي ئي اڌياءِ جي
پچاڙيءَ ۾ هڪ آيت لکيل ملي آهي تہ —

'موت بعد' ٻيا ڪرم ڪرڻ واري کي، خدا سزا ڏئي
ٿو ۽ سزا ڏيڻ وقت مرد ۽ عورت جو ڪو بہ فرق نٿ
رکي'

اها لکيت ڏسي ڪي خاطري ٿئي ٿي تہ محمد
صاحب استريءَ جي آتما کي نظر انداز نہ ڪيو آهي
قرآن جي چوٿين اڌياءِ ۾ ٻين گهڻن هنڌن تي لکيل ملي
ٿو تہ عورتن سان رحم ڀريو ورتاءُ ڪرڻ کپي، ڪين مسلم
واجبي حقن کان موقوف نہ ڪرڻ کپي. ان هوندي ب
گهڻن جي ماڻهن جي راءِ آهي تہ اسلام ڌرم ۾ عورتن ج
درجو گهڻو گهٽ آهي.

اسين سمجهون ٿا تہ انجو سبب ڪداچت اهو آهي
تہ قرآن شريف ۾ گهڻين شادين جي موڪل ڏنل آهي
چوٿين اڌياءِ ۾ هن قسم جو فرمان آهي —

"... هڪ، ٻہ، ٽي يا چار، عورتن سان نڪاح
ڪجهو، جيڪي توهانکي نيڪ لڳن، ليڪن چئن کا
مٿي عورتن سان نڪاح نہ ڪجهو..." — انکانسواءِ محم

ڌاڙي ڀاڙ تي پنهنجن ڌيئر قتل ڪندا هئا. پراچين گريڪ تواريخ نويس 'سٽرئبو' هڪ هنڌ لکيو آهي —

'... پراچين قومن ۾ ننڍڙن ننڍڙن ڌيئرن کي جهنگلن ۾ ڦٽو ڪرڻ ۽ ماري ڇڏڻ جو اهڙو رواج هو جو مصر جي رهواسين جو پنهنجي ٻارن ٻچن کي پالي وڏو ڪرڻ کين غير رواجي ۽ عجيب وغريب لڳندو هو ...'

ٻڌڻ ۾ ٿو اچي ته چين ۾ اڃان به اهو رواج جاري آهي. گرڪ لوڪن بابت 'پوسو سيڊيپس' جي هيءَ چوڻي 'سيل' صاحب پيش ڪئي آهي ته —

'.... اگر ڪو ماڻهون غريب هوندو ته هو پنهنجي پٽ کي جهنگل ۾ نه اڇلائيندو — ليڪن اگر اهو امير هوندو ته مشڪل سان پنهنجي ڌيءَ کي پالي وڏو ڪندو ...'

انڪري چاهي ماڻهون لڙاين ڪري خود مرن چاهي نياڻين جو قتل ڪن، ان طرح عورتن جو تعداد نه گهٽجي ٿو، نه ٿي وڌي ٿو. عورتن جو آدر يا نرادر (ملھ) انهن جي تعداد تي منحصر نه آهي. انهن جو ملھ تہ مردن جي ضرورت تي ٿي مدار رکي ٿو ته استري ملڪيت آهي ۽ عيش جي چيز آهي. انڪري ماڻهون پنهنجي ڌيئرن جو قتل ڪندا آهن، انڪري ٿي ٻين جي ڪنيائن کي پڄائڻ جو رواج آهي. انڪري جڏهن ڪنهنجي ڌيءَ کي بيو ڪير پڄائي ويندو آهي ته هو انتي خوب فخر

ٻنڌن جي حد - هڪ اڳڪٿي

ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ دنيا ۾ عورتن جي ضرورت کان وڌيڪ آهن ۽ الڪري سياويڪ ٻڌن مان گهٽ ڪٽيو وڃو آهي. اها ڳالهہ درست هوندي يا سوچڻ جهڙي آهي تہ حقيقت ۾ جنگين ۽ لڙاين سبب عورتن جي تعداد ۾ واڌارو اچي ٿو يا نہ؟ انهو سبب آهي تہ گهڻيئي ماڻهون ان ڳالهہ کي وساري ٿا ويهن تہ جنگ - ۽سمد جانيون ان ڳالهہ تي تيز نظر رکنديون آهن تہ ونن ناريءَ جو تعداد واڌ نہ پائي. الڪري هو ٻنڍين کنيائن کي مارائي ڇڏيندا آهن.

اڪثر سڀ اڄ سڌريل جانيون پنهنجي ابهر ڪنيائن کي قتل ڪري ڇڏينديون آهن. اسان وٽ راجپوتن پنهنجي کنيائن کي ماري ڇڏيندا هئا. عربن جي شيخن وٽ اگر ڌيءَ ڄمندا ٿيندي هئي تہ کيس کڏ کوٽي پوري ڇڏيندا هئا. 'کيندا پردهش' جا عرب ڇهن سالن واريءَ پنهنجيءَ ڌيءَ جو قتل ڪندا هئا تڏهن ان کان اڳ سندس ماءُ کي اشارو ڪري چوندا هئا - "هيئر ڇوڪر جي ٻڌن ۾ خوشبوئدار تيل هڻي سندس سينگار ڪر، اڄ هوءَ ماءُ جي گهر ويندي" - بعد ۾ کوهہ ۾ ڦٽي ڪئي ويندي.

'قدريش' جا لوڪ، مڪي جي لڙڌڪ 'آهودلا

آخر ۾ 'هربرٽ سپينسر' جي ٻوليءَ ۾ اسين صرف اهو چوندا سين ته هڪ ڏينهن مرد ۽ ناريءَ جي پوتر ٻنڌن جي حد گهٽجو ڪري ڪهڙي ٿيندي ۽ ڪهڙي ٿيڻ کپي -

'... لڳي ائين ٿو ته عوامي احساس سبب هڪ پتني وواهه جو جو طريقو اهڙو ته واڌارو ڪري ويندو جو ماڻهو اهو سمجهڻ لڳندا ته جيئن پرش ۽ استريءَ ۾ سياويڪ ٻنڌن نه پڌرا ٿئي جيسين قانوني ٻنڌن ۾ هون. انڪري شايد ائين ٿي سگهي ٿو ته جنهن مهل ٻنهي ۾ سياويڪ ٻنڌن نه رهندو، ان ويل قانوني ٻنڌن کي گهيلڻ ئي واجب سمجهيو ويندو. هن وقت طلاق جي ٻاري ۾ جا گهٽي سهوليت وڌي وئي آهي، ان مان اهو انديشو آهي ته جنهن وقت ٻڪيءَ طرح هڪ پتني وواهه جي رواج جو وڪاس ٿي رهيو هو، ان وقت قانون ذريعي پرش ۽ استريءَ کي ملائي هڪ ڪرڻ جو بنيادي طور وڪري جوئي ڪم هو، شاديءَ جو ضروري حصو سمجهيو ويندو هو ۽ پريم ذريعي ٻنهي جو ملڻ هڪ ٿيڻ اسو ضروري سمجهيو ويندو هو ۽ چاڪاڻ ته اڄ ڪالهه قانوني طور ٻنهي جو ملڻ هڪ ٿيڻ وڌيڪ اهميت پيو ليکجي ٿو ۽ پريم ذريعي ملڻ هڪ ٿيڻ کي گهٽ اهميت وارو سمجهيو وڃي ٿو، انڪري اڳتي هلي اهو وقت ايندو جڏهن پريم واري طريقي کي قانوني طريقن کان وڌيڪ اهميت ملندي. انڪري اڄ ڪالهه اهڙا وواهه - سنبنڌ گلا لائق

محسوس ڪندو آهي. انڪري جڏهن هڪ ماڻهون ۽ وٽ گهڻيئي عورتون هونديون آهن، تڏهن انهن جو هجڻ هن لاءِ فخر جو باعث ۽ طاقت جي نشاني مڃي ويندي آهي. 'پرڪهارب' چيو آهي ته —

'وياهون' ۾ اها خيالات تـــ ايتري زور آهي جو جڏهن هو ٻڌندا آهن ته يورپ ۾ هڪ پرش جي هڪ عورت هوندي آهي ته اوڪ رهجي ويندا آهن. انهن کي، ان ڳالهه تي بلڪل اعتبار نه ايندو آهي.

نامعلوم مرد هي ڪتاب پڙهي ڇا سوچيندا. ليڪن ٻيا ڪنهن دولاب جي ڪجهه سڄ، سوچيو، سمجهيو ۽ مڃيو ويو آهي. استرين جو ماڻ ڇو گهٽجي ويو آهي؟ ۽ حقيقت ۾ گهٽيو آهي يا نه ۽ ماڻ جي گهٽجڻ سان سماج ۾ ڪهڙين خرابين جي آمده ٿئي ٿي ۽ استرين تي مردن جي خيالي حقن جو اندازو ڏاڻڻ سان ڪهڙي برائي ٿئي ٿي. اهو سڀ اسان پنهنجي زبان سان ۽ ٻين جي لکيتن ۽ چوڻين جي مدد سان ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بس، اسان ايترو ئي ڪيو آهي. اسين ان ڳالهه تي سوچي ڪٿي رکجي نه سگهيا آهيون ته اسانجي انهن ڳالهين سبب شاسترن جو نرادر ٿئي ٿو يا نه ۽ سماجڪ وهنوار جي مخول اڏائي ٿي وڃي يا نه. جيڪي به سچ آهي، اهو ئي اسين چونداسين ۽ اسان چيو به آهي. اوس انجي نتيجي تي پهچڻ جي جوابداري پاٺڪن مٿان آهي.

'ڏکيا ڏاڪا' ۽ 'ناريءَ جو ماهه' بعد ديپ شڪا
پبليڪيشن جي ايندڙ پيش ڪش:

استريءَ ۽ پرش وچ پيار ۽ واسنا جا تعلقاتي
پهلو اکيليندڙ دلچسپ ناول:

پٿر يُگ جا ٻه ٻت

ليکڪ: آچاريه چترسين شاستري

ديپ شڪا پبليڪيشن،
٢٩-اي/٦، مهاتما گانڌي اگر،
چيمبور، بمبئي – 74 اي - ايس

سمجهيا وڃن ٿا جن ۾ ٻڌم ذريعي ٻڌڻ جو سنبنڌ نٿو جڙي؛
گهڻو انديشو ان ڳالهه جو آهي ته اسان جو هي نتيجو ڪڍيو آهي، الڪي هن وقت ماڻهو مڃڻ لاءِ تيار نـه ٿيندا. استري ۽ پرش جي سهواسي رشتي سان گڏ اوچ درجي جا جيڪي ويچار واسطو رکن ٿا ۽ اڄ سڌريل قومن ۾ جيڪي بلڪل غائب هئا ۽ جن اڄ ڪالهه جي زماني جي ڀيٽ ۾ شروعاتي پرولين زماني ۾ گهڻو واڌارو ڪيو هو، انهن جي باري ۾ اها اميد ڪجي ٿي ته جيئن جيئن هڪ ـ پسندگيءَ جو خاتمو ٿيندو ويندو ۽ هنري واڌاري سبب ٻين جي ڀلي ۽ خوشحاليءَ جي ڀاونا وڌندي ويندي. تيئن تيئن انهن جي مٿي بيان ڪيل ڀاونائن ۽ ويچارن جو وڪاس ٿيندو. اهو سبب اهو آهي ته جا همدردي. ٻين جي ڀلي ۽ اپڪار جو بنياد آهي، اها انهن ڀاونائن ۽ ويچارن جو به مول تت آهي.

— ختم شد —

● 'ساهت ڌارا' طرفان —

بزرگ اديب پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ
جي ناٽڪن جو ڳٽڪو:

ڪٽر ڪيبتنا پيا تمڪن

● 'آڪاڻيءَ' پاران —

نئين پيڙهيءَ جي مقبول ڪهاڻيڪار وشنو ڀاٽيا
جو چونڊ ڪهاڻي - مجموعو:

نقل عڪس جو جوڙ

● 'سنڌ پبليڪيشن' طرفان —

موجوده ڪتابن کي ٽوڙي ٽوڙي نون ڪتابن
جي تلاش ۽ آراش ۾ سرگردان
وشنو ڀاٽيا جو سماجڪ ناول:

زندگيءَ جا ڪنارا

بنگلور سمبلن تي ظاهر ٿيل ڪتاب:

● 'پرهه ڦٽيءَ' باران—

وشواس - اوشواس، دائرو، ٻيڙن ۽ ترماڙ، ۽ ٻين مٿن
ٻڌل لعل پشپ جو ٻهڙون ڪهاڻي - مجموعو:

واريءَ جا محل

● 'ڪونج' طرفان—

سنڌيءَ جي ١٨ ليکڪ اديبن جا پاڻ بابت
شخصي تاثرات:

آئيني جي اڳيان

● 'سنڌو پاڪيٽ بڪس سيريز' باران—

نوجوان ليکڪ گوردن ادواڻيءَ جي ڪهاڻين
جو ٻيو مجموعو:

درد ۽ درد

'ڪونج' طرفان

جلد ظاهر ٿيندو:


ننگو آسمان

شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪهاڻين جو
ٻهريون مجموعو

'ڪونج'، ۴- گرانٽ واسٽون بلڊنگ
اپولو اسٽريٽ، بمبئي- ۱


STANDARD
A great name in Electrical Accessories
15 AMP 250V
PIANO
STANDARD ELECTRICAL PRODUCTS, BOMBAY-60
VALECHA ELECTRIC CORPORATION





-MOR



J. B. Mangharam's
ENERGY FOOD
The biscuits you
enjoy indoors
and out!
J.B.
MANGHARAM
& CO.
Gwalior
ENERGY FOOD